تِلْكَ الرُّسُلُ فَضَّلْنَا بَعْضَهُمْ عَلٰى بَعْضٍ ۘ
مِنْهُمْ مَّنْ كَلَّمَ اللّٰهُ وَرَفَعَ بَعْضَهُمْ
دَرَجٰتٍ ۭ وَاٰتَيْنَا عِيْسَى ابْنَ مَرْيَمَ الْبَيِّنٰتِ وَ
اَيَّدْنٰهُ بِرُوْحِ الْقُدُسِ ۭ وَلَوْ شَاۗءَ اللّٰهُ مَا
اقْتَتَلَ الَّذِيْنَ مِنْۢ بَعْدِهِمْ مِّنْۢ بَعْدِ مَا
جَاۗءَتْهُمُ الْبَيِّنٰتُ وَلٰكِنِ اخْتَلَفُوْا فَمِنْهُمْ
مَّنْ اٰمَنَ وَمِنْهُمْ مَّنْ كَفَرَ ۭ وَلَوْ شَاۗءَ اللّٰهُ
مَا اقْتَتَلُوْا ۣ وَلٰكِنَّ اللّٰهَ يَفْعَلُ مَا يُرِيْدُ ۝٢٥٣

(٢٥٣) اهي سڀ پيغمبر آهن، انهن مان ڪن کي ٻين کان افضل (بهتر) ڪيوسين (يعني اگرچ پيغمبريءَ جي لحاظ کان سڀني جو درجو هڪ آهي پر هر ڪنهن جون خصوصيتون پنهنجون پنهنجون آهن) انهن مان ڪي تہ اهڙا آهن جن سان الله تعاليٰ ڪلام ڪيو (يعني انهن تي ڪتاب نازل ڪيو) ۽ ڪي اهڙا آهن جن جا درجا (ان وقت جي حالتن مطابق ٻين ڳالهين ۾) بلند ڪيا ويا. ۽ حضرت عيسيٰ ابن مريم کي هدايت جا روشن دليل ڏناسين ۽ روح القدس (پاڪ وحي) جي تائيد سان سرفراز ڪيوسين. جيڪڏهن الله تعاليٰ چاهي ها (سندس قدرت تہ سڀ ڪجھ ڪري ٿي سگهي) تہ جي ماڻهو انهن پيغمبرن کان پوءِ پيدا ٿيا سي هدايت جي روشن دليلن ملڻ بعد وري پاڻ ۾ اختلاف ڪري وڙهن ڪون ها، پر (جنهن صورت ۾ الله تعاليٰ انسان کي ارادي ۽ فعل جو اختيار ڏنو آهي) انهن ماڻهن (خود غرضين ۽ تڪبر سببان) پاڻ ۾ اختلاف ڪيو، ڪن ايمان جي واٽ اختيار ڪئي تہ ڪن وري ڪفر جو رستو پسند ڪيو، جيڪڏهن الله چاهي ها تہ هو ڪونہ وڙهن ها، پر الله تعاليٰ پنهنجي رٿ ۽ ارادي موجب عمل ڪري ٿو. (سندس رٿ اها آهي تہ انسان پنهنجو عقل ۽ ٻيون قوتون ڪم آڻي.)

## رڪوع 34

**خدا جي راه ۾ خرچ ڪرڻ، شفاعت. الله تعاليٰ جي عظمت، دين ۾ جبر ڪونهي.**

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اَنْفِقُوْا مِمَّا رَزَقْنٰكُمْ مِّنْ
قَبْلِ اَنْ يَّاْتِيَ يَوْمٌ لَّا بَيْعٌ فِيْهِ وَلَا خُلَّةٌ وَّ
لَا شَفَاعَةٌ ۭ وَالْكٰفِرُوْنَ هُمُ الظّٰلِمُوْنَ ۝٢٥٤

(٢٥٤) مومنؤ! جيڪو رزق اسان توهان کي ڏنو آهي سو (رڳو پنهنجي نفساني خواهشن پورين ڪرڻ لاءِ نہ پر الله جي راهہ ۾ بہ) خرچ ڪيو، انهيءَ کان اڳي جو زندگي پوري ٿي وڃي ۽ اهو ڏينهن اچي وڃي جنهن ڏينهن نڪي خريد فروخت ٿي سگهندي (جو پيسا ڏيئي جنت خريد ڪيو) نڪي ڪنهن دوست جي ڪوشش ۽ مددگاري ڪم ايندي، نڪي ڪنهن جي سفارش سان ڪم ڪڍي سگهبو. (ان ڏينهن فقط چڱا عمل ڪم ايندا) ۽ ياد رکو تہ جيڪي ماڻهو (هن حقيقت جا) منڪر آهن سي ئي پاڻ تي پاڻ ظلم ڪري رهيا آهن.

اَللّٰهُ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۚ اَلْحَيُّ الْقَيُّوْمُ ڬ لَا
تَاْخُذُهٗ سِنَةٌ وَّلَا نَوْمٌ ۭ لَهٗ مَا فِي
السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ ۭ مَنْ ذَا الَّذِيْ
يَشْفَعُ عِنْدَهٗٓ اِلَّا بِاِذْنِهٖ ۭ يَعْلَمُ مَا بَيْنَ
اَيْدِيْهِمْ وَمَا خَلْفَهُمْ ۚ وَلَا يُحِيْطُوْنَ

(٢٥٥) الله کان سواءِ ڪوبہ معبود ڪونهي (جنهن جي ٻانهپ ڪجي) هو الحي آهي (عيني ازخود زنده آهي ۽ هن جي زندگيءَ کي فنا ۽ زوال ڪونهي) هو القيوم آهي (يعني سڀ ڪجھ هن جي حڪم سان قائم آهي ۽ پنهنجي قيام لاءِ ڪنهن جو بہ محتاج ناهي) هن کي نڪو ڍڪر ٿو اچي، نڪي ننڊ. آسمانن ۽ زمين ۾ جو ڪجھ آهي سو سڀ سندس ئي آهي ۽ سندس ئي حڪم سان آهي. ڪير آهي جو هن جي اڳيان هن جي

بِشَيْءٍ مِّنْ عِلْمِهٖٓ اِلَّا بِمَا شَآءَ ۚ وَسِعَ
كُرْسِيُّهُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ ۚ وَلَا يَـُٔوْدُهٗ
حِفْظُهُمَا ۚ وَهُوَ الْعَلِيُّ الْعَظِيْمُ ﴿٢٥٥﴾

اجازت کان سواءِ ڪنهن جي لاءِ سفارش ڪري سگهي. جيڪي جيڪي
انسان جي اڳيان آهي سو به الله تعاليٰ ڄاڻي ٿو ۽ جيڪي جيڪي پٺيان
اٿس سو به ڄاڻي ٿو. انسان هن جي علم مان ڪجھ به پروڙي نٿو سگهي،
پر اوترو جيترو الله تعاليٰ پاڻ عطا ڪرڻ چاهي ٿو ۽ ڏئي ٿو. هن جو تخت
(حڪومت) آسمانن ۽ زمين کي گهيرو ڪيون بيٺو آهي ۽ انهن جي
حفاظت ڪرڻ ۾ هن کي ڪو ٿڪ ڪونه ٿو ٿئي هو بي انتها بلند ۽ بي
انتها وڏو آهي. **(اها آهي مشهور آيت آيت الڪرسي)**

لَآ اِكْرَاهَ فِي الدِّيْنِ ۙ قَدْ تَّبَيَّنَ الرُّشْدُ مِنَ
الْغَيِّ ۚ فَمَنْ يَّكْفُرْ بِالطَّاغُوْتِ وَيُؤْمِنْۢ بِاللّٰهِ
فَقَدِ اسْتَمْسَكَ بِالْعُرْوَةِ الْوُثْقٰى ۗ لَا انْفِصَامَ
لَهَا ۗ وَاللّٰهُ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ﴿٢٥٦﴾

(٢٥٦) دين جي باري ۾ زور زبردستي جائز ناهي، يقيناً هدايت جي واٽ
گمراهي کان الڳ ۽ چٽي ڪئي ويئي آهي. (ٻئي واٽون ماڻهن جي
سامهون آهن، جنهن کي جيڪا وڻي سان اختيار ڪري) پوءِ جنهن
طاغوت (شيطان) کان انڪار ڪيو (يعني فساد ۽ سرڪشيءَ کان بيزار
ٿي ويو) ۽ الله تي ايمان آندو تنهن (سعادت واريءَ) پروسي جهڙي ٿاريءَ
کي مضبوط جهليو، جا ٿاري ٽٽڻ واري ناهي (جنهن ان کي جهليو سو
سلامت رهيو) ۽ ياد رکو ته الله تعاليٰ سڀ ڪجھ ٻڌندڙ ۽ ڄاڻندڙ آهي.

اَللّٰهُ وَلِيُّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا ۙ يُخْرِجُهُمْ مِّنَ
الظُّلُمٰتِ اِلَى النُّوْرِ ؕ وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا
اَوْلِيٰٓـُٔهُمُ الطَّاغُوْتُ ۙ يُخْرِجُوْنَهُمْ مِّنَ
النُّوْرِ اِلَى الظُّلُمٰتِ ؕ اُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ النَّارِ ۚ
هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿٢٥٧﴾

(٢٥٧) الله تعاليٰ انهن ماڻهن جو محافظ ۽ مددگار آهن جي ايمان جي راه
اختيار ڪن ٿا. هو انهن کي هر قسم جي اونداهين مان ڪڍي روشنائيءَ ۾
آڻي ٿو، پر جن ماڻهن ڪفر جي واٽ ورتي آهي تن جا دوست ۽ مددگار
اهي سرڪش ۽ مفسد شيطان آهن، (جن کي هنن معبود بنايو آهي) اهي
شيطان هنن کي روشنائيءَ مان ڪڍي اونداهين ۾ وٺي وڃن ٿا. اهي ماڻهو
آهن جيڪي دوزخي جماعت جا ساٿي آهن ۽ هميشه ان باهه ۾ رهندا.

## رکوع 35

## حضرت ابراهيم جو الله تعاليٰ متعلق دليل، بيت المقدس جو ويران ٿيڻ ۽ وري آباد ٿيڻ

اَلَمْ تَرَ اِلَى الَّذِيْ حَآجَّ اِبْرٰهٖمَ فِيْ رَبِّهٖٓ اَنْ
اٰتٰىهُ اللّٰهُ الْمُلْكَ ۘ اِذْ قَالَ اِبْرٰهٖمُ رَبِّيَ الَّذِيْ
يُحْيٖ وَيُمِيْتُ ۙ قَالَ اَنَا اُحْيٖ وَاُمِيْتُ ؕ قَالَ
اِبْرٰهٖمُ فَاِنَّ اللّٰهَ يَاْتِيْ بِالشَّمْسِ مِنَ الْمَشْرِقِ
فَاْتِ بِهَا مِنَ الْمَغْرِبِ فَبُهِتَ الَّذِيْ كَفَرَ ؕ
وَاللّٰهُ لَا يَهْدِي الْقَوْمَ الظّٰلِمِيْنَ ﴿٢٥٨﴾

(٢٥٨) (اي پيغمبر!) تو انهيءَ شخص جي حالت تي غور ڪونه ڪيو ڇا
جنهن حضرت ابراهيم سان سند پروردگار جي باري ۾ بحث ڪيو. ڇو
ته الله تعاليٰ ڪيس بادشاهي ڏني هئي (يعني بادشاهيءَ جي فخر کان خود
خدا بابت حجتون ڪرڻ لڳو) جڏهن حضرت ابراهيم فرمايو ته، منهنجو
پروردگار اهو آهي جو جيئاري ۽ ماري ٿو، تڏهن هن بادشاه چيو ته، مان
به جيئاريان ۽ ماريان ٿو (يعني پنهنجي بادشاهيءَ ۾ جنهن کي وڻيم
تنهن کي مارائي ڇڏيان ۽ جنهن کي وڻيم تنهن کي ڇڏي ڏيان) حضرت
ابراهيم تنهن تي فرمايو ته الله تعاليٰ سج کي اوڀر کان اڀاري ٿو، تون
اولهه کان اڀاري ڏيکار. (هي جواب ٻڌي) حق جو منڪر وائڙو ٿي ويو.

اللہ (جو قانون آهي تہ هو) ظالمن کي حق جي راهہ نٿو ڏيکاري.

اَوْ كَالَّذِىْ مَرَّ عَلٰى قَرْيَةٍ وَّهِىَ خَاوِيَةٌ عَلٰى عُرُوْشِهَا ۚ قَالَ اَنّٰى يُحْىٖ هٰذِهِ اللّٰهُ بَعْدَ مَوْتِهَا ۚ فَاَمَاتَهُ اللّٰهُ مِائَةَ عَامٍ ثُمَّ بَعَثَهٗ ؕ قَالَ كَمْ لَبِثْتَ ؕ قَالَ لَبِثْتُ يَوْمًا اَوْ بَعْضَ يَوْمٍ ؕ قَالَ بَلْ لَّبِثْتَ مِائَةَ عَامٍ فَانْظُرْ اِلٰى طَعَامِكَ وَشَرَابِكَ لَمْ يَتَسَنَّهْ ۚ وَانْظُرْ اِلٰى حِمَارِكَ وَلِنَجْعَلَكَ اٰيَةً لِّلنَّاسِ وَانْظُرْ اِلَى الْعِظَامِ كَيْفَ نُنْشِزُهَا ثُمَّ نَكْسُوْهَا لَحْمًا ؕ فَلَمَّا تَبَيَّنَ لَهٗ ۙ قَالَ اَعْلَمُ اَنَّ اللّٰهَ عَلٰى كُلِّ شَىْءٍ قَدِيْرٌ ﴿۲۵۹﴾

(٢٥٩) وري انهيءَ شخص جو مثال وٺو جو هڪڙي اهڙي ڳوٺ جي پرسان لنگهيو جنهن جي گهرن جون ڇتيون ڪري پيون هيون (۽ انهن جي مٿان درن ۽ ڀتين جو ڍير لڳي ويو هو. هي حال ڏسي) هن چيو تہ اللہ تعاليٰ هن ڳوٺ کي موت بعد وري زندهہ ڪندو (يعني ڪيئن ويران ڳوٺ کي وري آباد ڪندو) پوءِ اللہ تعاليٰ هن شخص کي سئو سالن جو موت ڏنو ۽ پوءِ اٿاري کڙو ڪيائين ۽ پڇيائين تہ ڪيترو وقت انهيءَ حالت ۾ رهين؟ هن چيو تہ هڪڙو ڏينهن يا ڏينهن جو ڪجهہ حصو. اللہ تعاليٰ فرماتو تہ تون هڪ سئو سال انهيءَ حالت ۾ رهئين. هاڻي پنهنجي طعام ۽ پاڻيءَ تي نظر ڪر. انهن ۾ هيترا سال گذرڻ جي ڪا نشاني بہ ڪانهي (بلڪل تازا پيا ڏسجن) ۽ پنهنجي (سواريءَ جي) گڏهہ ڏانهن نهار (تہ ڪهڙي حالت ۾ آهي) هي سڀ انهيءَ لاءِ ڪيو ويو تہ توکي ماڻهن جي لاءِ (حق جي) هڪ نشاني ٺهرايون ۽ وري هڏين ڏانهن نهار ڪيئن اسان انهن کي کڙو ڪيون ٿا ۽ ڪيئن انهن تي گوشت چاڙهيون ٿا. پوءِ جڏهن انهيءَ شخص کي اها حقيقت سمجهہ ۾ آئي تڏهن هن چيو تہ هاڻي مان يقين سان ڄاڻان ٿو تہ بيشڪ اللہ تعاليٰ سڀ ڪجهہ ڪري سگهي ٿو.

وَاِذْ قَالَ اِبْرٰهٖمُ رَبِّ اَرِنِىْ كَيْفَ تُحْىِ الْمَوْتٰى ؕ قَالَ اَوَلَمْ تُؤْمِنْ ؕ قَالَ بَلٰى وَلٰكِنْ لِّيَطْمَئِنَّ قَلْبِىْ ؕ قَالَ فَخُذْ اَرْبَعَةً مِّنَ الطَّيْرِ فَصُرْهُنَّ اِلَيْكَ ثُمَّ اجْعَلْ عَلٰى كُلِّ جَبَلٍ مِّنْهُنَّ جُزْءًا ثُمَّ ادْعُهُنَّ يَاْتِيْنَكَ سَعْيًا ؕ وَاعْلَمْ اَنَّ اللّٰهَ عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ ﴿۲۶۰﴾ ع

(٢٦٠) ۽ (وري ڏسو) جڏهن حضرت ابراهيم چيو تہ اي منهنجا رب مونکي ڏيکار تہ ڪهڙيءَ طرح تون مئلن کي زندهہ ٿو ڪرين؟ تڏهن اللہ تعاليٰ فرمايو تہ توکي ان جو يقين ناهي ڇا؟ هن عرض ڪيو تہ يقين تہ آهي پر هي انهيءَ لاءِ عرض ٿو ڪريان تہ منهنجي دل کي آرام اچي. (يعني هي جا مايوس ڪندڙ حالت ڏسان ٿو ۽ دل ڌڙڪي ٿي سان دل جي مايوسي لهي وڃي). اللہ تعاليٰ جو حڪم ٿيو تہ هيئن ڪر جو پکين مان ڪي بہ چار پکي هٿ ڪريو ۽ انهن کي (پاڻ وٽ رکي) پاڻ سان هيرائي ڇڏ. پوءِ انهن مان هرهڪ کي جدا جدا جبلن جي چوٽين تي وهار ۽ پوءِ هنن کي سڏ ڪر. هو (تنهنجو آواز ٻڌي) تنهنجي طرف اڏامي ايندا ۽ يقين ڪر تہ بيشڪ اللہ تعاليٰ وڏي شان ۽ طاقت وارو ۽ حڪمت رکندڙ آهي.

## رڪوع 36

## صدقا ۽ خيراتون

مَثَلُ الَّذِيْنَ يُنْفِقُوْنَ اَمْوَالَهُمْ فِىْ سَبِيْلِ اللّٰهِ كَمَثَلِ حَبَّةٍ اَنْۢبَتَتْ سَبْعَ سَنَابِلَ فِىْ كُلِّ سُنْۢبُلَةٍ مِّائَةُ حَبَّةٍ ؕ وَاللّٰهُ يُضٰعِفُ

(٢٦١) جيڪي ماڻهو پنهنجو مال اللہ جي راهہ ۾ خرچ ڪن ٿا (انهن جي نيڪي ۽ نيڪيءَ جي برڪتن جو) مثال اهڙو آهي جهڙو هڪ ٻج جو داڻو. جو جڏهن پوکيو وڃي ٿو تڏهن هڪ داڻي مان ست سنگ پيدا ٿين ٿا ۽ هرهڪ سنگ مان سئو داڻا نڪري اچن ٿا. (يعني هڪڙي داڻي خرچ

لِمَنْ يَّشَآءُ ؕ وَاللّٰهُ وَاسِعٌ عَلِيْمٌ ﴿٢٦١﴾

ڪرڻ سان سوين داڻا ملن ٿا) ۽ الله تعاليٰ جنهن جي لاءِ چاهي ٿو تنهن کي بيٽو يا وڌيڪ ڪري ڏئي ٿو. بيشڪ الله تعاليٰ وڏي وسعت وارو (ڪشادو رزق ڏيندڙ) ۽ سڀ ڪجهه ڄاڻندڙ آهي. (پر افسوس جو اسان گمراهن کي الله جي هن قول تي ايمان ڪونهي، تنهن ڪري ٻين کي ڏيڻ بدران ٻين کان قرڻ تي سندرو ٻڌي بيٺا آهيون.)

اَلَّذِيْنَ يُنْفِقُوْنَ اَمْوَالَهُمْ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ثُمَّ لَا يُتْبِعُوْنَ مَآ اَنْفَقُوْا مَنًّا وَّلَآ اَذًى ۙ لَّهُمْ اَجْرُهُمْ عِنْدَ رَبِّهِمْ ۚ وَلَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿٢٦٢﴾

(٢٦٢) جيڪي ماڻهو الله جي راهه ۾ خرچ ڪن ٿا ۽ اهڙيءَ طرح خرچ ڪن ٿا جو نڪي ونندڙن تي ٿورو ٿڦن ٿا ۽ نه وري احسان جي يادگيري ڏيارين ٿا، نڪي (احسان ڪرڻ بعد ڪنهن به نموني سندن) دل ڏکائن يا ڪين ايذاءُ پهچائن ٿا انهن ماڻهن کي الله تعاليٰ وٽان سندن عمل جو اجر ملندو هنن کي نڪي ڪنهن قسم جو خوف خطرو رهندو نه غمگيني.

قَوْلٌ مَّعْرُوْفٌ وَّ مَغْفِرَةٌ خَيْرٌ مِّنْ صَدَقَةٍ يَّتْبَعُهَآ اَذًى ؕ وَاللّٰهُ غَنِيٌّ حَلِيْمٌ ﴿٢٦٣﴾

(٢٦٣) مٺو ۽ وڻندڙ ٻول ۽ (رحم ۽ شفقت سان) معافي ڏيڻ انهيءَ صدقي يا خيرات کان بهتر آهي جنهن جي پٺيان خدا جي ٻانهن لاءِ ڪو ايذاءُ رکيل هجي. (ياد رکو ته سخاوت ۾ خود اوهان جي چڱائي آهي.) الله تعاليٰ نه بي پرواهه ۽ تحمل وارو آهي.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تُبْطِلُوْا صَدَقٰتِكُمْ بِالْمَنِّ وَالْاَذٰى ۙ كَالَّذِيْ يُنْفِقُ مَالَهٗ رِئَآءَ النَّاسِ وَلَا يُؤْمِنُ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ ؕ فَمَثَلُهٗ كَمَثَلِ صَفْوَانٍ عَلَيْهِ تُرَابٌ فَاَصَابَهٗ وَابِلٌ فَتَرَكَهٗ صَلْدًا ؕ لَا يَقْدِرُوْنَ عَلٰى شَيْءٍ مِّمَّا كَسَبُوْا ؕ وَاللّٰهُ لَا يَهْدِي الْقَوْمَ الْكٰفِرِيْنَ ﴿٢٦٤﴾

(٢٦٤) اي ايمان وارو! ماڻهن تي ٿورو ٿڦڻ سان يا ايذاءُ پهچائڻ سان پنهنجي خيرات کي برباد نه ڪري ڇڏيو، جهڙيءَ طرح اهو ماڻهو پاڻ کي برباد ڪندو آهي جو ماڻهن کي ڏيکارڻ لاءِ پنهنجو مال خرچ ڪندو آهي ۽ الله ۽ آخرت ۾ ايمان ڪونهيس. اهڙن ماڻهن جو مثال اهڙو آهي جهڙي پٿر جي هڪ چِپ. ان چِپ تي مٽي پئجي ويئي آهي (۽ ان ۾ ٻج ڇٽيو ويو آهي) جڏهن زور سان مينهن وسيو تڏهه (مٽي ٻج سميت وهي هلي وئي ۽) فقط هڪ صاف سخت چِپ وڃي رهي. (اهوئي حال آهي ڏيکاءُ ۽ ناموس لاءِ خيرات ڪندڙن جو) انهن (خيرات ڪري) جو ڪجهه به ڪمايو سو (رياڪاري سببان) ضايع ٿي ويو. هن کي ڪجهه به هٿ نه آيو ۽ حقيقت هيءَ آهي ته الله تعاليٰ انهن کي سنئين واٽ نٿو ڏيکاري جيڪي ڪفر جي واٽ تا وٺن.

وَمَثَلُ الَّذِيْنَ يُنْفِقُوْنَ اَمْوَالَهُمُ ابْتِغَآءَ مَرْضَاتِ اللّٰهِ وَتَثْبِيْتًا مِّنْ اَنْفُسِهِمْ كَمَثَلِ جَنَّةٍۭ بِرَبْوَةٍ اَصَابَهَا وَابِلٌ فَاٰتَتْ اُكُلَهَا ضِعْفَيْنِ ۚ فَاِنْ لَّمْ يُصِبْهَا وَابِلٌ فَطَلٌّ ؕ وَاللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ ﴿٢٦٥﴾

(٢٦٥) (ان جي ابتڙ) جيڪي ماڻهو الله جي راضپي جي لاءِ ۽ پنهنجي دل جي خوشي ۽ ثبات سان پنهنجو مال خرچ ڪن ٿا انهن جو مثال اهڙو آهي جهڙو هڪڙي آئيني تي لڳايل باغ، انهيءَ تي چڱو مينهن وسيو ته ٻيڻا ڦل ڦول پيدا ٿي ويا ۽ جيڪڏهن زور سان مينهن نه وسيو ته هلڪيون بوندون به هن کي آباد ڪرڻ لاءِ ڪافي آهن ۽ ياد رکو ته جيڪي جيڪي اوهان ڪيو ٿا الله تعاليٰ چڱيءَ طرح ڏسي ٿو.

اَيَوَدُّ اَحَدُكُمْ اَنْ تَكُوْنَ لَهٗ جَنَّةٌ مِّنْ نَّخِيْلٍ وَّ اَعْنَابٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ ۙ لَهٗ فِيْهَا مِنْ كُلِّ الثَّمَرٰتِ ۙ وَ اَصَابَهُ الْكِبَرُ وَلَهٗ ذُرِّيَّةٌ ضُعَفَآءُ ۖۚ فَاَصَابَهَآ اِعْصَارٌ فِيْهِ نَارٌ فَاحْتَرَقَتْ ؕ كَذٰلِكَ يُبَيِّنُ اللّٰهُ لَكُمُ الْاٰيٰتِ لَعَلَّكُمْ تَتَفَكَّرُوْنَ ۝٢٦٦

(٢٦٦) ڇا توهان مان ڪوبہ ماڻهو هيءَ ڳالهہ پسند ڪندو تہ هن کي کارڪن جي وڻن ۽ انگورن جي منهن جو هڪڙو باغ هجي ان ۾ نهرون وهندڙ هجن ۽ پڻ ان ۾ هن لاءِ ٻيا بہ طرحين طرحين جا ڦل ڦول هجن ۽ پوءِ ڇا ٿئي جو ٻڍائپ اچي وڃي ۽ ٻار هجنس ننڍڙا ۽ ضعيف ۽ اوچتو ئي اوچتو ساڙيندڙ هوا لڳي ۽ باغ کي ساڙي اجڙ ڪري ڇڏي؟ الله تعاليٰ اهڙن ئي مثالن سان توهان جي لاءِ حقيقت جون نشانيون چٽيون ڪري ٿو ڇڏي انهيءَ لاءِ تہ غور ۽ فڪر کان ڪم وٺو.

## رکوع 37

## شيطان توهان کي سڃائيءَ کان ڊيڄاري ٿو ۽ دولت لاءِ برايون ڪرڻ جو حڪم ٿو ڪري

يٰاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اَنْفِقُوْا مِنْ طَيِّبٰتِ مَا كَسَبْتُمْ وَمِمَّآ اَخْرَجْنَا لَكُمْ مِّنَ الْاَرْضِ ۠ وَلَا تَيَمَّمُوا الْخَبِيْثَ مِنْهُ تُنْفِقُوْنَ وَلَسْتُمْ بِاٰخِذِيْهِ اِلَّآ اَنْ تُغْمِضُوْا فِيْهِ ؕ وَاعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ غَنِيٌّ حَمِيْدٌ ۝٢٦٧

(٢٦٧) اي مؤمنو! جيڪي توهان ڪمايو ٿا ۽ جيڪي اسان توهان لاءِ زمين مان پيدا ڪيون ٿا انهن مان پاڪ ۽ چڱيون شيون خدا جي راهہ ۾ خرچ ڪيو. ائين نہ ڪيو جو ڪا ردي ۽ خراب شيءِ خدا جي نالي تي خيرات ڪيو، اهڙي شيءِ جيڪر اوهان کي ملي تہ ڪڏهن بہ نہ وٺو. پرڄاڻي ٻجهي اکيون بند ڪري وٺو تہ پوءِ ٻي ڳالهہ آهي. ياد رکو تہ الله تعاليٰ بي نياز ۽ سيني چڱين صفتن سان ڪامل طرح موصوف آهي. (هن کي اوهان جي ڪنهن بہ شيءِ جو احتياج ڪونهي، چڱين شين جي خيرات ڪرڻ مان توهان کي سعادت ۽ نجات ملندي).

اَلشَّيْطٰنُ يَعِدُكُمُ الْفَقْرَ وَيَاْمُرُكُمْ بِالْفَحْشَآءِ ۚ وَاللّٰهُ يَعِدُكُمْ مَّغْفِرَةً مِّنْهُ وَفَضْلًا ؕ وَاللّٰهُ وَاسِعٌ عَلِيْمٌ ۝٢٦٨

(٢٦٨) شيطان توهان کي سڃائيءَ کان ڊيڄاري ٿو (توهان ۾ وسوسا ٿو وجهي تہ خيرات ڪندؤ تہ سڃا ٿي ويندؤ) ۽ دولت ڪمائڻ لاءِ برائيون ڪرڻ جو حڪم ٿو ڪري، پر الله تعاليٰ توهان کي اهڙيءَ راه ڏي سڏي ٿو جنهن ۾ سندس بخشش ۽ فضل ۽ ڪرم جو واعدو آهي ۽ ياد رکو تہ الله تعاليٰ ڪشادو رزق ڏيندڙ ۽ سڀ ڪجھ ڄاڻندڙ آهي.

يُّؤْتِي الْحِكْمَةَ مَنْ يَّشَآءُ ۚ وَمَنْ يُّؤْتَ الْحِكْمَةَ فَقَدْ اُوْتِيَ خَيْرًا كَثِيْرًا ؕ وَمَا يَذَّكَّرُ اِلَّآ اُولُوا الْاَلْبَابِ ۝٢٦٩

(٢٦٩) هو جنهن کي چاهي ٿو تنهن کي حڪمت ڏئي ٿو ۽ جنهن کي حڪمت ملي تنهن کي يقيناً تمام وڏي چڱائي ۽ برڪت ملي ويئي، نصيحت فقط اهي وٺندا جي سمجهہ ۽ عقل وارا آهن.

وَمَآ اَنْفَقْتُمْ مِّنْ نَّفَقَةٍ اَوْ نَذَرْتُمْ مِّنْ نَّذْرٍ فَاِنَّ اللّٰهَ يَعْلَمُهٗ ؕ وَمَا لِلظّٰلِمِيْنَ مِنْ اَنْصَارٍ ۝٢٧٠

(٢٧٠) (ياد رکو تہ) جنهن بہ قسم جي خيرات تي خرچ ٿا ڪيو يا خدا جي نالي تي باسيل نذر ڏيو ٿا تہ الله تعاليٰ کي ان جي خبر پوي ٿي (۽ ان جو اجر ڏئي ٿو) ۽ جيڪي ماڻهو ظلم ۽ گناهہ ڪن ٿا تن کي (عذاب کان بچائڻ لاءِ) ڪوبہ مددگار نہ لڀندو.

اِنْ تُبْدُوا الصَّدَقٰتِ فَنِعِمَّا هِيَ ۚ وَاِنْ

(٢٧١) جيڪڏهن توهان (ڏيکاءُ ناموس جي نيت کان سواءِ) کليو کلايو

تُخْفُوْهَا وَتُؤْتُوْهَا الْفُقَرَآءَ فَهُوَ خَيْرٌ لَّكُمْ ۭ وَيُكَفِّرُ عَنْكُمْ مِّنْ سَيِّاٰتِكُمْ ۭ وَاللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ خَبِيْرٌ ﴿٢٧١﴾

خير خيرات ڪيو تہ بہ چڱي ڳالھ آھي ۽ جيڪڏھن لڪي ڇپي ڪيو. اھڙن محتاجن کي ڏيو جن کي ڪجھ بہ ناھي تہ توھان جي لاءِ سڀ کان چڱو آھي. (اھڙي خيرات) توھان جي گناھن کي اوھان کان پري ڪري ڇڏيندي ۽ جيڪي جيڪي عمل توھان ڪيو ٿا تن جي الله تعاليٰ کي پوري پوري خبر رھي ٿي.

لَيْسَ عَلَيْكَ هُدٰىهُمْ وَلٰكِنَّ اللّٰهَ يَهْدِيْ مَنْ يَّشَآءُ ۭ وَمَا تُنْفِقُوْا مِنْ خَيْرٍ فَلِاَنْفُسِكُمْ ۭ وَمَا تُنْفِقُوْنَ اِلَّا ابْتِغَآءَ وَجْهِ اللّٰهِ ۭ وَمَا تُنْفِقُوْا مِنْ خَيْرٍ يُّوَفَّ اِلَيْكُمْ وَاَنْتُمْ لَا تُظْلَمُوْنَ ﴿٢٧٢﴾

(٢٧٢) (اي پيغمبر!) هنن ماڻهن جي هدايت جي ذميواري توتي ناهي (انهن ڪافرن کي بہ پلي خيرات ڏيو، پر نہ انهيءَ نيت سان تہ لالچ تي مسلمان ٿين) پر الله تعاليٰ ئي آهي جو جنهن کي چاهي تنهن کي هدايت ڪري. (پوءِ ماڻهن کي چئو تہ) جيڪي توهان نيڪي جي راه ۾ خيرات ڪندؤ سا خود اوهان جي فائدي لاءِ آهي، توهان جو خرچ ڪرڻ فقط انهيءَ لاءِ آهي تہ خدا جي راضپي جي طلب ٿا رکو ۽ جيڪي جيڪي توهان نيڪي جي راه ۾ خرچ ڪندؤ ان جو بدلو توهان کي تمام چڱو ملندو ۽ توهان سان بي انصافي ڪانہ ڪئي ويندي.

لِلْفُقَرَآءِ الَّذِيْنَ اُحْصِرُوْا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ لَا يَسْتَطِيْعُوْنَ ضَرْبًا فِي الْاَرْضِ ۡ يَحْسَبُهُمُ الْجَاهِلُ اَغْنِيَآءَ مِنَ التَّعَفُّفِ ۚ تَعْرِفُهُمْ بِسِيْمٰهُمْ ۚ لَا يَسْــَٔـلُوْنَ النَّاسَ اِلْحَافًا ۭ وَمَا تُنْفِقُوْا مِنْ خَيْرٍ فَاِنَّ اللّٰهَ بِهٖ عَلِيْمٌ ﴿٢٧٣﴾

(٢٧٣) خيرات انهن گهرج وارن کي ڏيڻي آهي، جيڪي خدا جي راھ ۾ گهيرجي مجبور ٿي ويٺا آهن ۽ هنن کي اها طاقت ڪانهي جو گذاران جي تلاش ۾ ملڪ ۾ هيڏي هوڏي نڪري پون. (هو بک يا گهرج هوندي بہ شرم يا خودداريءَ ڪان سوال نٿا ڪن) تنهن ڪري اڻ واقف ماڻهو سمجهن ٿا تہ هنن کي ڪابہ گهرج ڪانهي. توهان هنن جو چهرو ڏسي هنن جي حالت سمجهي سگهو ٿا. پر هو ماڻهن جي پوئتان لڳي ڪڏهن بہ سوال ڪرڻ وارا ناهن ۽ ياد رکو تہ توهان جيڪي بہ نيڪيءَ جي راھ ۾ خرچ ڪندؤ سو بلاشبہ الله تعاليٰ چڱيءَ طرح ڄاڻي ٿو.

## رڪوع 38

### صدقو ۽ وياج ـ الله تعاليٰ وياج مان ڪوٺ ۽ تباهي ڏئي ٿو

اَلَّذِيْنَ يُنْفِقُوْنَ اَمْوَالَهُمْ بِالَّيْلِ وَالنَّهَارِ سِرًّا وَّعَلَانِيَةً فَلَهُمْ اَجْرُهُمْ عِنْدَ رَبِّهِمْ ۚ وَلَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿٢٧٤﴾ اَلَّذِيْنَ يَاْكُلُوْنَ الرِّبٰوا لَا يَقُوْمُوْنَ اِلَّا كَمَا يَقُوْمُ الَّذِيْ يَتَخَبَّطُهُ الشَّيْطٰنُ مِنَ الْمَسِّ ۭ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ قَالُوْٓا اِنَّمَا الْبَيْعُ مِثْلُ الرِّبٰوا ۘ وَاَحَلَّ اللّٰهُ الْبَيْعَ وَحَرَّمَ الرِّبٰوا ۭ فَمَنْ جَاۗءَهٗ

(٢٧٤) جيڪي ماڻهو رات جو يا ڏينهن جو ڳجهي طرح يا ظاهر ظهور نيڪيءَ جي راھ ۾ پنهنجو مال خرچ ڪن ٿا تن کي يقيناً پنهنجي پروردگار وٽان اجر ملندو. هنن کي نہ ڪو خوف خطرو هوندو، نڪا غمگيني.

(٢٧٥) جي ماڻهو (گهرج وارن جي مدد ڪرڻ بدران اٽلندو انهن کان) وياج وٺي پيٽ پالن ٿا اهي (انهيءَ ظلم جو نتيجو ڏسندا) ۽ اٿي بيهي بہ ڪين سگهندا پر جي بيهندا تہ انهي ماڻهو وانگر جنهن کي شيطان جي ڇهڻ سان چريائي ٿي وئي هجي (يا مرگهيءَ جي بيماريءَ ۾ گرفتار هجي.) هي انهيءَ ڪري ٿيندو جو هنن (وياج کي ناجائز نہ سمجهيو ۽) چيائون تہ

مَوْعِظَةٌ مِّنْ رَّبِّهٖ فَانْتَهٰى فَلَهٗ مَا سَلَفَ ؕ وَ اَمْرُهٗۤ اِلَى اللّٰهِ ؕ وَمَنْ عَادَ فَاُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ النَّارِ ۚ هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿۲۷۵﴾

واپار بہ وياج وانگر آهي، پر اللہ تعاليٰ واپار کري نفعو ڪمائڻ کي حلال ٺهرايو آهي ۽ وياج کي حرام ڪيو. (ٻنهي ۾ زمين آسمان جو تفاوت آهي) سو هاڻي جنهن ماڻهو کي پنهنجي رب وٽان هي حڪم پهچي تہ آئنده وياج وٺڻ بند ڪري، تنهن کي اڳيون ورتل وياج وٽس ئي هجي ۽ هن جو معاملو اللہ وٽ آهي پر جيڪڏهن آئنده بہ ڪو ماڻهو (وياج وٺڻ کان) باز نہ ايندو تہ پوءِ هو دوزخي جماعت منجهان آهي ۽ هميشہ عذاب ۾ رهندو.

يَمْحَقُ اللّٰهُ الرِّبٰوا وَيُرْبِي الصَّدَقٰتِ ؕ وَاللّٰهُ لَا يُحِبُّ كُلَّ كَفَّارٍ اَثِيْمٍ ﴿۲۷۶﴾

(٢٧٦) اللہ تعاليٰ وياج مان ڪوٽ ۽ تباهي ڏئي ٿو ۽ خيرات لاءِ برڪت ۽ واڌارو ٿو ڏئي ۽ ياد رکو تہ اللہ تعاليٰ انهن کي ناپسند ٿو ڪري جي اللہ تعاليٰ جا بي شڪر ۽ نافرمان آهن.

اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ وَاَقَامُوا الصَّلٰوةَ وَاٰتَوُا الزَّكٰوةَ لَهُمْ اَجْرُهُمْ عِنْدَ رَبِّهِمْ ۚ وَلَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿۲۷۷﴾

(٢٧٧) جي ماڻهو اللہ تي سچو ايمان رکن ٿا ۽ سندن عمل بہ چڱا آهن پڻ نماز قائم ڪن ٿا ۽ زڪوات ڪڍن ٿا تن کي يقيناً سندن پروردگار وٽان اجر ملندو، نڪي هنن کي ڪنهن بہ قسم جو خوف خطرو رهندو، نڪي ڪا غمگيني.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ وَذَرُوْا مَا بَقِيَ مِنَ الرِّبٰوٓا اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿۲۷۸﴾

(٢٧٨) اي مؤمنو! جيڪڏهن توهان کي سچ پچ ايمان آهي تہ خدا جو خوف رکو ۽ جيڪو وياج قرضدارن وٽ رهجي ويو آهي سو ڇڏي ڏيو.

فَاِنْ لَّمْ تَفْعَلُوْا فَاْذَنُوْا بِحَرْبٍ مِّنَ اللّٰهِ وَ رَسُوْلِهٖ ۚ وَاِنْ تُبْتُمْ فَلَكُمْ رُءُوْسُ اَمْوَالِكُمْ ۚ لَا تَظْلِمُوْنَ وَلَا تُظْلَمُوْنَ ﴿۲۷۹﴾

(٢٧٩) جيڪڏهن توهان ائين نہ ڪيو تہ پوءِ اللہ ۽ ان جي رسول سان جنگ ڪرڻ لاءِ تيار رهو. (اللہ جي حڪمن جي خلاف عمل ڪرڻ آهي اللہ ۽ رسول سان جنگ ڪرڻ) پر جيڪڏهن انهي ڪم کان توبهہ ڪري باز اچو تہ پوءِ توهان جي لاءِ هي حڪم آهي تہ پنهنجي اصلي رقم وٺو (۽ وياج ڇڏي ڏيو) نڪو توهان ڪنهن تي ظلم ڪيو، نڪي توهان تي ظلم ڪيو وڃي.

وَاِنْ كَانَ ذُوْ عُسْرَةٍ فَنَظِرَةٌ اِلٰى مَيْسَرَةٍ ؕ وَ اَنْ تَصَدَّقُوْا خَيْرٌ لَّكُمْ اِنْ كُنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿۲۸۰﴾

(٢٨٠) ۽ جيڪڏهن قرضي تنگ حالت ۾ آهي (۽ هڪدم قرض ڏيئي نٿو سگهي) تہ هن کيَ جي حالت ٺيڻ تائين مهلت ڏيڻ گهرجي پر جيڪڏهن سمجهہ رکو ٿا تہ يقين رکو تہ توهان لاءِ بهتري هن ۾ آهي تہ اهڙي مسڪين کي قرض (مور بہ) صدقي طور بلڪل معاف ڪري ڇڏيو.

وَاتَّقُوْا يَوْمًا تُرْجَعُوْنَ فِيْهِ اِلَى اللّٰهِ ۫ ثُمَّ تُوَفّٰى كُلُّ نَفْسٍ مَّا كَسَبَتْ وَهُمْ لَا يُظْلَمُوْنَ ﴿۲۸۱﴾

(٢٨١) ۽ انهيءَ ڏينهن جي حساب کان ڊڄو جنهن ڏينهن اللہ تعاليٰ جي حضور ۾ موٽي ويندؤ. پوءِ ڇا ٿيندو جو هر نفس (پنهنجي عملن سان) جيڪي ڪمايو هوندو ان جو پورو پورو بدلو هن کي ملندو ڪنهن سان بہ بي انصافي نہ ٿيندي.

## رڪوع 39

## ڏيتي ليتي واڌ وغيره کي لکپڙھ هيٺ آڻڻ

يَاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِذَا تَدَايَنْتُمْ بِدَيْنٍ
اِلٰٓى اَجَلٍ مُّسَمًّى فَاكْتُبُوْهُ ؕ وَلْيَكْتُبْ
بَّيْنَكُمْ كَاتِبٌۢ بِالْعَدْلِ ۪ وَلَا يَاْبَ كَاتِبٌ
اَنْ يَّكْتُبَ كَمَا عَلَّمَهُ اللّٰهُ فَلْيَكْتُبْ ۚ وَ
لْيُمْلِلِ الَّذِىْ عَلَيْهِ الْحَقُّ وَلْيَتَّقِ اللّٰهَ رَبَّهٗ
وَلَا يَبْخَسْ مِنْهُ شَيْـًٔا ؕ فَاِنْ كَانَ الَّذِىْ
عَلَيْهِ الْحَقُّ سَفِيْهًا اَوْ ضَعِيْفًا اَوْ لَا
يَسْتَطِيْعُ اَنْ يُّمِلَّ هُوَ فَلْيُمْلِلْ وَلِيُّهٗ
بِالْعَدْلِ ؕ وَاسْتَشْهِدُوْا شَهِيْدَيْنِ مِنْ
رِّجَالِكُمْ ۚ فَاِنْ لَّمْ يَكُوْنَا رَجُلَيْنِ فَرَجُلٌ وَّ
امْرَاَتٰنِ مِمَّنْ تَرْضَوْنَ مِنَ الشُّهَدَآءِ اَنْ
تَضِلَّ اِحْدٰىهُمَا فَتُذَكِّرَ اِحْدٰىهُمَا
الْاُخْرٰى ؕ وَلَا يَاْبَ الشُّهَدَآءُ اِذَا مَا دُعُوْا ؕ
وَلَا تَسْــَٔـمُوْٓا اَنْ تَكْتُبُوْهُ صَغِيْرًا اَوْ كَبِيْرًا اِلٰٓى
اَجَلِهٖ ؕ ذٰلِكُمْ اَقْسَطُ عِنْدَ اللّٰهِ وَاَقْوَمُ
لِلشَّهَادَةِ وَاَدْنٰٓى اَلَّا تَرْتَابُوْٓا اِلَّآ اَنْ
تَكُوْنَ تِجَارَةً حَاضِرَةً تُدِيْرُوْنَهَا بَيْنَكُمْ
فَلَيْسَ عَلَيْكُمْ جُنَاحٌ اَلَّا تَكْتُبُوْهَا ؕ وَ
اَشْهِدُوْٓا اِذَا تَبَايَعْتُمْ ۪ وَلَا يُضَآرَّ كَاتِبٌ وَّ
لَا شَهِيْدٌ ؕ۬ وَاِنْ تَفْعَلُوْا فَاِنَّهٗ فُسُوْقٌۢ بِكُمْ ؕ
وَاتَّقُوا اللّٰهَ ؕ وَيُعَلِّمُكُمُ اللّٰهُ ؕ وَاللّٰهُ بِكُلِّ
شَىْءٍ عَلِيْمٌ ﴿۲۸۲﴾

(٢٨٢) اي مؤمنو! جڏهن ڪنهن خاص مدي لاءِ اوڌر (پيسا يا ٻيو ڪجھ) ڏيو يا وٺو ته پوءِ ان کي لکپڙھ هيٺ آڻيو ۽ هڪڙو لکڻ وارو اوهان جي وچ ۾ هجي جو عدل ۽ ايمانداريءَ سان دستاويز لکي. لکي ڄاڻندڙ کي گهرجي ته لکڻ کان انڪار نه ڪري، ڇو ته الله تعاليٰ ئي هن کي لکڻ سيکاريو آهي، تنهن ڪري ضرور لکي. هيئن ڪجي جو جنهن کي رقم يا شيءِ (مقرر مدي تي) ڏيڻي آهي سو چوندو وڃي (ته ڪاتب لکندو وڃي) ۽ چوڻ وقت پنهنجي پروردگار جو خوف دل ۾ رکي ۽ جو ڪجھ هن کي ڏيڻو آهي تنهن کان ذرو به گهٽ نه لکائي، پر جيڪڏهن ذميوار بي سمجھ هجي يا ضعيف هجي ۽ لکائڻ جي قابليت نه هجيس ته پوءِ ان جي پاران سندس خير خواه دوست يا سنڀاليندڙ عدل ۽ ايمانداريءَ سان چوندو لکائيندو وڃي ۽ (جيڪو دستاويز لکيو وڃي) تنهن تي پنهنجي ماڻهن مان ٻن مردن کي شاهد ڪري ڇڏيو. جيڪڏهن ٻه مرد نه هجن ته هڪ مرد ۽ ٻه عورتون جيڪي پسند هجن سي شاهد ڪري ڇڏيو. انهيءَ لاءِ ته جيڪڏهن هڪ عورت کان ڳالھ وسري وڃي ته ٻي هن کي يادگيري ڏياري ۽ جڏهن شاهدن کي سڏيو وڃي تڏهن هلي وڃڻ ۽ شاهدي ڏيڻ کان نه نٽائين ۽ معاملو ننڍڙو هجي توڙي وڏو هجي پر ميعاد پيل هجي ته دستاويز لکڻ ۾ شرم يا ڍرئي نه ڪيو. هن ڳالھ ۾ الله تعاليٰ جي نظر ۾ توهان جي لاءِ انصاف جي زياده مضبوطي آهي، شاهديءَ لاءِ وڌيڪ پڪائي آهي ۽ وڌيڪ امڪان آهي ته شڪ شبهي ۾ ڪونه پوندو، پر جيڪڏهن سودو ڪرڻ وقت هٿئون هٿ ڏيئي وٺي ڪم لاهي ڇڏيو ٿا (اوڌر ڪانه رهي) ته پوءِ اوهان تي ڏوھ ناهي، جيڪڏهن اهو سودو لکپڙھ هيٺ نه آڻيو، پر تڏهن به (وڏن تجارتي معاملن ۾) سودي ڪندي شاهد ڪري ڇڏيو (ته پوءِ ڪو جهڳڙو نه ٿئي. مثلاً ڳئون يا ٻڪري خريد ڪيو ۽ پوءِ ڪو چوي ته توهان چورائي آيا آهيو ته ڪيڏو نه خلل ٿي پوي) (هي ڳالھ به ضروري آهي ته) لکندڙ ۽ شاهد کي ڪوبه نقصان نه پهچي (يعني غرض وارو هنن تي دٻاءُ نه وجهي ته شاهدي گهٽ وڌ ڏي. پر ممڪن آهي ته هي معنيٰ به آهي ته لکندڙ يا شاهد کي جيڪڏهن لکڻ يا شاهدي ڏيڻ ۾ مالي نقصان ٿيندو هجي ته انهن کي عيوضو ڏيڻ گهرجي) جيڪڏهن توهان هنن کي نقصان هيٺ آڻيندو ته توهان جي لاءِ گناه جو ڪم آهي ۽ توهان کي گهرجي ته هر حال ۾ خدا جو خوف رکندا رهو. هو اوهان کي (ضروري ڳالهيون) سيکاري ٿو ۽ هو هر شيءِ جو علم رکندڙ آهي.

وَاِنْ كُنْتُمْ عَلٰى سَفَرٍ وَّلَمْ تَجِدُوْا كَاتِبًا
فَرِهٰنٌ مَّقْبُوْضَةٌ ؕ فَاِنْ اَمِنَ بَعْضُكُمْ
بَعْضًا فَلْيُؤَدِّ الَّذِى اؤْتُمِنَ اَمَانَتَهٗ وَ
لْيَتَّقِ اللّٰهَ رَبَّهٗ ؕ وَلَا تَكْتُمُوا الشَّهَادَةَ ؕ وَمَنْ
يَّكْتُمْهَا فَاِنَّهٗۤ اٰثِمٌ قَلْبُهٗ ؕ وَاللّٰهُ بِمَا
تَعْمَلُوْنَ عَلِيْمٌ ۲۸۳

(٢٨٣) ۽ جيڪڏهن توهان سفر ۾ هجو ۽ (دستاويز لکڻ لاءِ) ڪاتب نه لڀي ته پوءِ ڪا شيءِ گروي طور قبضي ۾ ڏني وڃي، پر جيڪڏهن توهان مان هڪڙو ماڻهو ٻئي تي اعتبار رکي ته پوءِ جنهن تي اعتبار رکيو ويو هجي سو (وقت اچڻ تي) امانت واپس ڪري ۽ پنهنجي پروردگار الله جو خوف رکي (ضرور امانت واپس ڏئي) ۽ خبردار! شاهدي ڪڏهن به نه لڪايو (ڪهڙو به خوف خطرو هجي، ڪهڙي به لالچ ملي ته به سچي شاهدي ڏيو) جيڪو شاهدي لڪائيندو سو پنهنجي دل ۾ گنهگار ٿيندو (سندس دل ڪاري ٿيندي) ۽ ياد رکو ته جيڪي جيڪي عمل توهان ڪيو ٿا تن کان الله تعالىٰ بي خبر ناهي (هو ضرور باز پرس ڪندو).

## رڪوع 40

**ماڻهوءَ لاءِ اهوئي ڪجهه آهي جيڪا هو ڪمائي ڪري ٿو. الله تعالىٰ ڪنهن به نفس تي سندس طاقت کان ٻاهر بوجهه نٿو رکي.**

لِلّٰهِ مَا فِى السَّمٰوٰتِ وَمَا فِى الْاَرْضِ ؕ وَاِنْ
تُبْدُوْا مَا فِىْۤ اَنْفُسِكُمْ اَوْ تُخْفُوْهُ
يُحَاسِبْكُمْ بِهِ اللّٰهُ ؕ فَيَغْفِرُ لِمَنْ يَّشَآءُ وَ
يُعَذِّبُ مَنْ يَّشَآءُ ؕ وَاللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَىْءٍ
قَدِيْرٌ ۲۸۴

(٢٨٤) آسمان ۽ زمين ۾ جيڪي به آهي سو سڀ ڪجهه الله جو آهي، جيڪي توهان جي دلين ۾ آهي سو ظاهر ڪيو، توڙي لڪايو (اهو الله تعالىٰ چڱيءَ طرح ڄاڻي ٿو) ۽ اوهان کان ضرور ان جو حساب وٺندو، پوءِ (اها ڳالهه سندس اختيار جي آهي ته) جنهن کي وڻيس تنهن کي بخشي ڇڏي ۽ جنهن کي وڻيس تنهن کي عذاب ڏئي. الله هر شيءِ تي قادر آهي.

اٰمَنَ الرَّسُوْلُ بِمَاۤ اُنْزِلَ اِلَيْهِ مِنْ رَّبِّهٖ وَ
الْمُؤْمِنُوْنَ ؕ كُلٌّ اٰمَنَ بِاللّٰهِ وَمَلٰٓئِكَتِهٖ وَ
كُتُبِهٖ وَرُسُلِهٖ ۟ لَا نُفَرِّقُ بَيْنَ اَحَدٍ مِّنْ
رُّسُلِهٖ ۟ وَقَالُوْا سَمِعْنَا وَاَطَعْنَا ۗ غُفْرَانَكَ
رَبَّنَا وَاِلَيْكَ الْمَصِيْرُ ۲۸۵

(٢٨٥) الله جو رسول انهيءَ (وحي) تي ايمان رکي ٿو جو ان جي پروردگار وٽان مٿس نازل ٿيو آهي ۽ سچا مسلمان به ان تي ايمان رکن ٿا. انهن سڀني، الله تي سندس ملائڪن تي، سندس ڪتابن تي ۽ سندس سولن تي ايمان آندو آهي. (هو ايمان سان چون ٿا ته) اسان الله جي رسولن جي وچ ۾ ڪو به فرق نٿا ڪريون (سڀني کي سچو ٿا سمجهون) انهن ماڻهن کي جڏهن حق جي دعوت ملي تڏهن هنن چيئي ڏنو ته اي خدا اسان تنهنجو حڪم ٻڌو ۽ تابعداريءَ سر جهڪايوسين، شال تنهنجي مغفرت نصيب ٿئي. اسان سڀني کي آخر تو ڏانهن ئي موٽڻو آهي.

لَا يُكَلِّفُ اللّٰهُ نَفْسًا اِلَّا وُسْعَهَا ؕ لَهَا مَا
كَسَبَتْ وَعَلَيْهَا مَا اكْتَسَبَتْ ؕ رَبَّنَا لَا
تُؤَاخِذْنَاۤ اِنْ نَّسِيْنَاۤ اَوْ اَخْطَاْنَا ۚ رَبَّنَا وَلَا
تَحْمِلْ عَلَيْنَاۤ اِصْرًا كَمَا حَمَلْتَهٗ عَلَى الَّذِيْنَ

(٢٨٦) الله تعالىٰ ڪنهن به نفس تي سندس طاقت کان ٻاهر ذميواري نٿو رکي. سڀ ڪنهن کي اهوئي ملندو جيڪي هن ڪمايو آهي ۽ اوتروئي لوڙيندو جيترو هن بدعملي ڪئي آهي. (پوءِ ايمان وارا هميشه هي ئي صدا ڪند آهن ته) اي اسان جا پروردگار اسان کان ڀل چڪ ۽ خطا ٿي وئي ته ان لاءِ پڪڙ نه ڪجانءِ (۽ بخشي ڇڏجانءِ) اي خدا اسان تي اهڙا بار نه

مِنْ قَبْلِنَا ۚ رَبَّنَا وَلَا تُحَمِّلْنَا مَا لَا طَاقَةَ لَنَا بِهٖ ۚ وَاعْفُ عَنَّا ۗ وَاغْفِرْ لَنَا ۗ وَارْحَمْنَا ۗ اَنْتَ مَوْلٰنَا فَانْصُرْنَا عَلَى الْقَوْمِ الْكٰفِرِيْنَ ۝٢٨٦

وجهجانءِ جهڙا اڳوڻن تي وڌا ويا. اي خدا اسان تي اهڙا بار نہ وجهجانءِ جن جي سهڻ جي طاقت اسان (ضعيفن) ۾ نہ هجي. اي خدا تون اسان کي معاف ڪر. اسان جا گناهہ ڍڪي ڇڏ. اسان تي رحم ڪر، تون ئي اسان جو مالڪ ۽ آقا آهين. پوءِ ظالم ڪافرن جي مقابلي ۾ اسانجي مدد ڪر.

## سوره آل عمران مدني (200) آيتون

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

**شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.**

**رڪوع 1**

**وحي جي حقيقت ۽ محڪمات ۽ متشابهات**

الٓمّٓ ۝١

(١) الف- لام- ميم

اللّٰهُ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۙ الْحَيُّ الْقَيُّوْمُ ۝٢

(٢) الله ڪان سواءِ ڪوبہ معبود ڪونهي (جنهن جي پانهپ ڪجي) هوالحي (سدائين زنده) ۽ القيوم آهي (جنهن جي ئي وسيلي هر شيءِ قائم آهي ۽ پاڻ پنهنجي قيام لاءِ ڪنهن جو بہ محتاج ناهي).

نَزَّلَ عَلَيْكَ الْكِتٰبَ بِالْحَقِّ مُصَدِّقًا لِّمَا بَيْنَ يَدَيْهِ وَاَنْزَلَ التَّوْرٰىةَ وَالْاِنْجِيْلَ ۝٣

(٣) هن (الله تعاليٰ) توتي ڪتاب قرآن مجيد نازل ڪيو آهي، جنهن ۾ حقيقت ۽ سچائي آهي ان ڪان اڳي جيڪي بہ ڪتاب نازل ٿي چڪا آهن تن جي تصديق ڪندڙ آهي. تورات ۽ انجيل نازل فرمايو.

مِنْ قَبْلُ هُدًى لِّلنَّاسِ وَاَنْزَلَ الْفُرْقَانَ ۬ اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِاٰيٰتِ اللّٰهِ لَهُمْ عَذَابٌ شَدِيْدٌ ۭ وَاللّٰهُ عَزِيْزٌ ذُو انْتِقَامٍ ۝٤

(٤) ۽ الله تعاليٰ اڳين ماڻهن جي هدايت وانگر پڻ فرقان (يعني نيڪ ۽ بد ۽ حق ۽ باطل جي وچ ۾ فرق ڪرڻ واري سمجهہ ۽ قوت) نازل ڪيو. جيڪي ماڻهو الله جي آيتن کان انڪار تا ڪن (حق کي ڇڏي باطل سان شامل ٿا ٿين) انهن کي (سندن ڏانهن عملن جي عيوض) سخت عذاب ملڻو آهي ۽ الله تعاليٰ سيني تي غالب آهي ۽ (گنهگارن کي) سزا ڏيڻ وارو آهي.

اِنَّ اللّٰهَ لَا يَخْفٰى عَلَيْهِ شَيْءٌ فِي الْاَرْضِ وَلَا فِي السَّمَاۗءِ ۝٥

(٥) بلاشبہ الله تعاليٰ کان ڪابہ شيءِ ڳجهي ناهي اها شيءِ زمين ۾ هجي، توڙي آسمان ۾ (تہ بہ الله تعاليٰ کي ان جو علم آهي).

هُوَ الَّذِيْ يُصَوِّرُكُمْ فِي الْاَرْحَامِ كَيْفَ يَشَاۗءُ ۭ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ۝٦

(٦) اهوئي آهي جو جهڙيءَ طرح چاهي ٿو تهڙيءَ طرح ماءُ جي پيٽ ۾ اوهان جي صورت (جسم عضوا اکيون وغيره) بنائي ٿو. يقيناً هن کان سواءِ ڪوبہ معبود ڪونهي. هو غالب ۽ طاقت وارو آهي، (جنهن جي حڪم سان سڀ ڪجهہ هور ۾ اچي ٿو) ۽ وڏي حڪمت وارو آهي (جو ٻار جي پيدا ٿيڻ کان اڳي پيٽ ۾ ئي ان جا سڀ عضوا بنائي تيار ڪري ٿو).

هُوَ الَّذِيْٓ اَنْزَلَ عَلَيْكَ الْكِتٰبَ مِنْهُ اٰيٰتٌ مُّحْكَمٰتٌ هُنَّ اُمُّ الْكِتٰبِ وَاُخَرُ مُتَشٰبِهٰتٌ ۭ

(٧) اي پيغمبر! اهوئي (حي ۽ قيوم) آهي، جنهن توتي ڪتاب قرآن مجيد نازل ڪيو آهي. ان ۾ ڪي آيتون محڪم آهن (جن جي معنيٰ ظاهر ۽ چٽي آهي) اهي آيتون قرآن مجيد جو اصل ۽ بنياد آهن. ٻيون

فَاَمَّا الَّذِيْنَ فِيْ قُلُوْبِهِمْ زَيْغٌ فَيَتَّبِعُوْنَ مَا تَشَابَهَ مِنْهُ ابْتِغَآءَ الْفِتْنَةِ وَ ابْتِغَآءَ تَاْوِيْلِهٖ ۚ وَمَا يَعْلَمُ تَاْوِيْلَهٗٓ اِلَّا اللّٰهُ ۘؔ وَ الرّٰسِخُوْنَ فِي الْعِلْمِ يَقُوْلُوْنَ اٰمَنَّا بِهٖ ۙ كُلٌّ مِّنْ عِنْدِ رَبِّنَا ۚ وَمَا يَذَّكَّرُ اِلَّآ اُولُوا الْاَلْبَابِ ۝٧

آهن متشابهات (جن جي معنيٰ اسان لاءِ چٽي ٿي نہ ٿي سگهي). پوءِ جن ماڻهن جي دلين ۾ ڏنگائي ڦڏائي آهي، اهي (محڪم آيتن کي ڇڏي) انهن آيتن جي پٺيان پون ٿا جي الله جي ڪتاب ۾ متشابہ آهن. هن غرض سان تہ فتنو پيدا ڪن ۽ انهن جي حقيقت ڳولي لهن، پر انهن جي حقيقت الله کان سواءِ ڪوبہ ڪونہ ٿو ڄاڻي، پر جيڪي ماڻهو علم ۾ پڪا آهن، اهي (متشابهات جي پوئنا نٿا پون اهي) چون ٿا تہ. اسان انهن تي ايمان رکون ٿا، چو تہ اهي سڀ اسان جي پروردگار جي طرف کان آيل آهن. حقيقت هيءَ آهي تہ (حق جي تعليم مان) نصيحت اهي ٿا وٺن جي عقل ۽ سمجھ وارا آهن.

رَبَّنَا لَا تُزِغْ قُلُوْبَنَا بَعْدَ اِذْ هَدَيْتَنَا وَهَبْ لَنَا مِنْ لَّدُنْكَ رَحْمَةً ۚ اِنَّكَ اَنْتَ الْوَهَّابُ ۝٨

(٨) (اهي عقل وارا هميشہ هيئن چوندا آهن تہ) اي اسان جا پروردگار اسان کي جو سنئين رستي تي لڳايو اٿئي سو ائين نہ ڪجانءِ جو اسان جون دليون وري بگڙي پون ۽ اسان کي پاڻ وٽان رحمت عطا ڪر، يقناً تون ئي سيني کان وڏو نعمتون ڏيندڙ آهين.

رَبَّنَآ اِنَّكَ جَامِعُ النَّاسِ لِيَوْمٍ لَّا رَيْبَ فِيْهِ ۭ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُخْلِفُ الْمِيْعَادَ ۝٩ ع

(٩) اي اسان جا پروردگار اسان کي هن ۾ ڪجھ بہ شڪ ڪونهي تہ تون يقيناً هڪڙي ڏينهن سيني ماڻهن کي جمع ڪرڻ وارو آهين. يقيناً الله تعاليٰ پنهنجي واعدي جي خلاف نٿو وڃي.

### رڪوع2

### ڪافرن جي هلت ۽ نتيجو، مؤمنن جي حالت ۽ نتيجو

اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَنْ تُغْنِيَ عَنْهُمْ اَمْوَالُهُمْ وَلَآ اَوْلَادُهُمْ مِّنَ اللّٰهِ شَيْـــًٔا ۭ وَ اُولٰۗىِٕكَ هُمْ وَقُوْدُ النَّارِ ۝١٠ۙ

(١٠) جن ماڻهن (سچائي ۽ نيڪيءَ جي واٽ ڇڏي) ڪفر جي واٽ ورتي آهي سي (ياد رکن تہ) کين الله جي پڪڙ کان نڪي سندن دولت ڇڏائي سگهندي، نڪي اولاد (جي دنيا ۾ تہ ڪجھ نہ ڪجھ مدد ڪن ٿا) اهي عذب جي باھ جو ٻارڻ ٿيندا.

كَدَاْبِ اٰلِ فِرْعَوْنَ ۙ وَالَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ ۭ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا ۚ فَاَخَذَهُمُ اللّٰهُ بِذُنُوْبِهِمْ ۭ وَاللّٰهُ شَدِيْدُ الْعِقَابِ ۝١١

(١١) انهن ماڻهن جو بہ اهوئي رستو آهي جو فرعون جي جماعت جو هو ۽ انهن کان اڳوڻن ماڻهن جو هو، انهن الله تعاليٰ جي آيتن کي ڪوڙو ڪوٺيو، تنهن ڪري الله تعاليٰ سندن گناهن ۽ بدعملن جي ڪري کين بہ پڪڙ ڪندو. بيشڪ الله تعاليٰ گناهن جي سزا ڏيڻ ۾ تمام سخت آهي.

قُلْ لِّلَّذِيْنَ كَفَرُوْا سَتُغْلَبُوْنَ وَتُحْشَرُوْنَ اِلٰى جَهَنَّمَ ۭ وَبِئْسَ الْمِهَادُ ۝١٢

(١٢) (اي منهنجا) رسول) جن ماڻهن ڪفر جي واٽ ورتي آهي تن کي چئو تہ توهان بہ مغلوب ٿيندؤ ۽ جهنم ڏانهن ڌڪجي ويندؤ. اهو ڪهڙو نہ خراب هنڌ آهي.

قَدْ كَانَ لَكُمْ اٰيَةٌ فِيْ فِئَتَيْنِ الْتَقَتَا ۭ فِئَةٌ

(١٣) بيشڪ يقيناً اوهان لاءِ انهن ٻن لشڪرن ۾ (حق جي فتح جي) وڏي نشاني هئي جي (بدر جي ميدان ۾) هڪ ٻئي جي سامهون ٿيا هئا. هڪ

تُقَاتِلُ فِیْ سَبِیْلِ اللّٰہِ وَاُخْرٰی کَافِرَۃٌ
یَّرَوْنَہُمْ مِّثْلَیْہِمْ رَاْیَ الْعَیْنِ ؕ وَاللّٰہُ
یُؤَیِّدُ بِنَصْرِہٖ مَنْ یَّشَآءُ ؕ اِنَّ فِیْ ذٰلِکَ
لَعِبْرَۃً لِّاُولِی الْاَبْصَارِ ﴿۱۳﴾

طرف اها (ننڍڙي) جماعت هئي جا الله جي راهه ۾ وڙهي رهي هئي. ٻي ٽولي حق جي منڪرن جي هئي جن کي مسلمان پنهنجي اکين سان ڏسي رهيا هئا تہ ڪائنئن ٻيڻا آهن، (تنهن هوندي بہ حق جي منڪرن کي سخت شڪست آئي) الله تعاليٰ جنهن کي چاهي ٿو تنهن کي مدد پهچائي ٿو. بيشڪ جن ماڻهن کي ڏسڻ جون اکيون آهن (۽ سمجهه اٿن) انهن لاءِ هن معاملي ۾ وڏي عبرت (۽ نصيحت) رکيل آهي.

زُیِّنَ لِلنَّاسِ حُبُّ الشَّہَوٰتِ مِنَ النِّسَآءِ وَ
الْبَنِیْنَ وَالْقَنَاطِیْرِ الْمُقَنْطَرَۃِ مِنَ
الذَّہَبِ وَالْفِضَّۃِ وَالْخَیْلِ الْمُسَوَّمَۃِ وَ
الْاَنْعَامِ وَالْحَرْثِ ؕ ذٰلِکَ مَتَاعُ الْحَیٰوۃِ
الدُّنْیَا ۚ وَاللّٰہُ عِنْدَہٗ حُسْنُ الْمَاٰبِ ﴿۱۴﴾

(١٤) انسان جي لاءِ مرد ۽ عورت جي لاڳاپي ۾، اولاد ۾، سون چاندي جي دولت ۾، چونڊ گهوڙن ۾، ڍورن ڍڳن ۾، پوکن ۽ باغن ۾ دل جي خوشي زينت آهي (فطرتاً توهان کي بہ انهن جي خواهش آهي ۽ ان ۾ گناه ڪونهي) پر هي سڀ دنيوي زندگيءَ جو متاع آهي ۽ بهتر مڪان تہ الله تعاليٰ وٽ آهي.

قُلْ اَؤُنَبِّئُکُمْ بِخَیْرٍ مِّنْ ذٰلِکُمْ ؕ لِلَّذِیْنَ
اتَّقَوْا عِنْدَ رَبِّہِمْ جَنّٰتٌ تَجْرِیْ مِنْ تَحْتِہَا
الْاَنْہٰرُ خٰلِدِیْنَ فِیْہَا وَاَزْوَاجٌ مُّطَہَّرَۃٌ وَّ
رِضْوَانٌ مِّنَ اللّٰہِ ؕ وَاللّٰہُ بَصِیْرٌۢ بِالْعِبَادِ ﴿۱۵﴾ۚ

(١٥) (اي پيغمبر!) هنن کي چئو تہ مان توهان کي ٻڌايان تہ زندگيءَ جي انهن فائدن کان بہ بهتر اوهان جي لاءِ ڇا آهي؟ ياد رکو تہ جي ماڻهو متقي آهن انهن جي لاءِ الله تعاليٰ وٽ (دائمي نعمتن جا) باغ آهن جن وٽان نهرون وهي رهيون آهن (تنهن ڪري سڪندا ڪونہ) هو هميشہ انهن باغن ۾ رهندا. پاڪ زالون هنن سان گڏ هونديون ۽ (سڀني کان وڏيڪ هي ڳالهہ تہ) الله جو راضپو هنن کي حاصل ٿيندو ۽ ياد رکو تہ الله تعاليٰ پنهنجي ٻندن جو حال ڏسي رهيو آهي.

اَلَّذِیْنَ یَقُوْلُوْنَ رَبَّنَاۤ اِنَّنَاۤ اٰمَنَّا فَاغْفِرْ لَنَا
ذُنُوْبَنَا وَقِنَا عَذَابَ النَّارِ ﴿۱۶﴾ۚ

(١٦) (متقي انسان اهي آهن) جي چون ٿا تہ اي اسان جا پروردگار اسان توتي ايمان آندو آهي، پوءِ اسان جا گناه بخش ۽ جهنم جي عذاب کان اسان کي بچائجانءِ.

اَلصّٰبِرِیْنَ وَالصّٰدِقِیْنَ وَالْقٰنِتِیْنَ وَ
الْمُنْفِقِیْنَ وَالْمُسْتَغْفِرِیْنَ بِالْاَسْحَارِ ﴿۱۷﴾

(١٧) اهي (تڪليفن ۽ مصيبتن ۾) صبر ڪرڻ وارا، (قول ۽ عمل ۾) سچا، نياز نوڙت سان بندگي ڪندڙ، نيڪيءَ جي راهه ۾ خرچ ڪرڻ وارا ۽ رات جي پوين گهڙين ۾ (جڏهن دنيائي ماڻهو مزي جي ننڊ ۾ الوٽ هوندا آهن) الله جي حضور ۾ نماز لاءِ اٿي ٻيهڻ وارا ۽ ڪائنس بخشش گهرڻ وارا آهن، (اهي آهن متقين جون خصلتون).

شَہِدَ اللّٰہُ اَنَّہٗ لَاۤ اِلٰہَ اِلَّا ہُوَ ۙ وَالْمَلٰٓئِکَۃُ وَ
اُولُوا الْعِلْمِ قَآئِمًۢا بِالْقِسْطِ ؕ لَاۤ اِلٰہَ اِلَّا ہُوَ
الْعَزِیْزُ الْحَکِیْمُ ﴿۱۸﴾ؕ

(١٨) الله تعاليٰ هن ڳالهہ جي شاهدي ڏني آهي تہ الله کان سواءِ ڪوبہ معبود ڪونهي هو يگانو آهي ۽ (ڪائنات ۾) عدل سان انتظام رکڻ وارو آهي فرشتا بہ اها ئي شاهدي ٿا ڏين ۽ علم وارا (جي غور ۽ فڪر ڪندڙ آهن سي) بہ ساڳي شاهدي ٿا ڏين. بيشڪ هن کان سواءِ ڪوبہ معبود ڪونهي. هو طاقت ۽ قدرت وارو ۽ وڏي حڪمت وارو آهي.

إِنَّ الدِّينَ عِنْدَ اللَّهِ الْإِسْلَامُ ۗ وَمَا اخْتَلَفَ الَّذِينَ أُوتُوا الْكِتَابَ إِلَّا مِنْ بَعْدِ مَا جَاءَهُمُ الْعِلْمُ بَغْيًا بَيْنَهُمْ ۗ وَمَنْ يَكْفُرْ بِآيَاتِ اللَّهِ فَإِنَّ اللَّهَ سَرِيعُ الْحِسَابِ ﴿١٩﴾

(١٩) بلاشبہ اصلي دين الله وٽ فقط اسلام آهي ۽ هي جو اهل ڪتاب سچي علم ۽ وحي اچڻ بعد بہ اختلاف ڪيا آهن ۽ فرقا ٺاهيا آهن سو رڳو پاڻ ۾ ضد ۽ دشمني ڪرڻ ڪري. (حقيقت ۾ انهن وٽ هڪ ئي دين اسلام جو علم ۽ وحي آيل هو. فرقا پوءِ ٺاهيائون) ۽ ياد رکو تہ جيڪڏهن هو الله تعاليٰ جي آيتن کان انڪار تو ڪري (۽ هدايت جي بدران گمراهي پسند ٿو ڪري) تہ پوءِ الله بہ حساب وٺڻ ۾ ڍرو ناهي.

فَإِنْ حَاجُّوكَ فَقُلْ أَسْلَمْتُ وَجْهِيَ لِلَّهِ وَمَنِ اتَّبَعَنِ ۗ وَقُلْ لِلَّذِينَ أُوتُوا الْكِتَابَ وَالْأُمِّيِّينَ أَأَسْلَمْتُمْ ۚ فَإِنْ أَسْلَمُوا فَقَدِ اهْتَدَوْا ۖ وَإِنْ تَوَلَّوْا فَإِنَّمَا عَلَيْكَ الْبَلَاغُ ۗ وَاللَّهُ بَصِيرٌ بِالْعِبَادِ ﴿٢٠﴾

(٢٠) پوءِ جيڪڏهن اهي ماڻهو تو سان بحث جهڳڙو ڪن تہ (اي پيغمبر) تون چئي ڏي تہ منهنجو ۽ منهنجي پيروي ڪندڙن جو طريقو تہ هي آهي تہ اسان الله تعاليٰ جي اڳيان اطاعت جو سر جهڪايو آهي (يعني اسان جي راه خدا پرستيءَ کان سواءِ ٻي ڪابہ ڪانهي) ۽ اهل ڪتاب وارن ۽ عرب جي اڻ پڙهيل مشرڪن کان پڇ تہ توهان بہ الله جي اڳيان جهڪو ٿايا نہ؟ جيڪڏهن هو بہ جهڪن تہ (سڄو جهڳڙو ختم ٿيو ۽) هنن هدايت جي واٽ ورتي پر جيڪڏهن منهن موڙين تہ پوءِ تنهنجو فرض آهي فقط حق جو پيغام پهچائڻ ۽ الله تعاليٰ پنهنجي بندن جي حال کان غافل ناهي، هو سڀ ڪجهہ ڏسي رهيو آهي.

## رڪوع 3

## گروهہ بندي ۽ خانداني فوقيت نہ پر ايمان ۽ عمل ڪم ايندو

إِنَّ الَّذِينَ يَكْفُرُونَ بِآيَاتِ اللَّهِ وَيَقْتُلُونَ النَّبِيِّينَ بِغَيْرِ حَقٍّ وَيَقْتُلُونَ الَّذِينَ يَأْمُرُونَ بِالْقِسْطِ مِنَ النَّاسِ فَبَشِّرْهُمْ بِعَذَابٍ أَلِيمٍ ﴿٢١﴾

(٢١) جيڪي ماڻهو الله جي آيتن کان انڪار ٿا ڪن ۽ سندس نبين کي ناحق قتل ٿا ڪن ۽ انهن کي بہ قتل ٿا ڪن جيڪي حق ۽ عدل جو حڪم ٿا ڏين انهن کي (اي پيغمبر) ٻڌائي ڇڏ تہ هنن لاءِ دردناڪ عذاب تيار رکيو آهي.

أُولَٰئِكَ الَّذِينَ حَبِطَتْ أَعْمَالُهُمْ فِي الدُّنْيَا وَالْآخِرَةِ وَمَا لَهُمْ مِنْ نَاصِرِينَ ﴿٢٢﴾

(٢٢) اهي ئي ماڻهو آهن جن جا سڀ عمل ضايع ٿي ويا، نہ دنيا ۾ ڪم آئين نہ آخرت ۾. ۽ ڪوبہ هننجو مددگار ڪونہ ٿيندو.

أَلَمْ تَرَ إِلَى الَّذِينَ أُوتُوا نَصِيبًا مِنَ الْكِتَابِ يُدْعَوْنَ إِلَىٰ كِتَابِ اللَّهِ لِيَحْكُمَ بَيْنَهُمْ ثُمَّ يَتَوَلَّىٰ فَرِيقٌ مِنْهُمْ وَهُمْ مُعْرِضُونَ ﴿٢٣﴾

(٢٣) (اي پيغمبر!) ڇا تو انهن ماڻهن جي حالت نہ ڏٺي جن کي خدائي ڪتاب جي علم مان ڪجهہ حصو مليو آهي. (يعني يهودين جا علماء) انهن کي خدا جي ڪتاب ڏانهن سڏيو ويو تہ اهو ڪتاب انهن جي وچ ۾ فيصلو ڪري. تڏهن بہ انهن مان هڪڙيءَ ٽوليءَ منهن ڦيرائي ڇڏيو ۽ حقيقت هي آهي تہ خود خدائي ڪتاب کان ئي هنن سيني جو رخ ڦريل آهي.

ذَٰلِكَ بِأَنَّهُمْ قَالُوا لَنْ تَمَسَّنَا النَّارُ إِلَّا أَيَّامًا مَعْدُودَاتٍ ۖ وَغَرَّهُمْ فِي دِينِهِمْ مَا

(٢٤) هنن جي اها حالت هن ڪري ٿي آهي جو هو (بيوقوف سمجهن ٿا تہ اسان الله جي پياري قوم آهيون) تنهن ڪري دوزخ جي باه اسان کي

كَانُوْا يَفْتَرُوْنَ ﴿٢٤﴾

ڪڏهن بہ نہ ڇهندي، ڇو تہ اسان نجات يافتہ قوم آهيون) ۽ جي ڇهندي تہ بہ ڪي ٿورا ڳڻيل ڏينهن (پوءِ صاف ۽ پاڪ ٿي جنت ۾ داخل ٿينداسين) هي جو (خدا تي) هٿراڌو ٺاهيل ڪوڙ ٺا هڻن تنهن ڪوڙ هنن کي دين جي باري ۾ دوکي ۾ وڌو آهي (۽ پاڻ کي پاڻ ٺڳي گمراه ڪري ڇڏيو اٿن.)

فَكَيْفَ اِذَا جَمَعْنٰهُمْ لِيَوْمٍ لَّا رَيْبَ فِيْهِ ۫ وَ وُفِّيَتْ كُلُّ نَفْسٍ مَّا كَسَبَتْ وَهُمْ لَا يُظْلَمُوْنَ ﴿٢٥﴾

(٢٥) پر انهيءَ وقت جو ڇا حال ٿيندو جڏهن قيامت جي ڏينهن جنهن جي اچڻ ۾ ڪوبہ شڪ ناهي. اسان هنن کي پاڻ وٽ گڏ ڪنداسين، پوءِ هر نفس جيڪي جيڪي عمل ڪيا هوندا انهن جي مطابق ڪيس پورو پورو بدلو ملندو ۽ ڪنهن سان بہ ظلم ڪونہ ٿيندو.

قُلِ اللّٰهُمَّ مٰلِكَ الْمُلْكِ تُؤْتِي الْمُلْكَ مَنْ تَشَآءُ وَ تَنْزِعُ الْمُلْكَ مِمَّنْ تَشَآءُ ۫ وَ تُعِزُّ مَنْ تَشَآءُ وَ تُذِلُّ مَنْ تَشَآءُ ؕ بِيَدِكَ الْخَيْرُ ؕ اِنَّكَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ﴿٢٦﴾

(٢٦) اي پيغمبر!(تون پنهنجو معاملو الله جي حوالي ڪر ۽) چئو تہ اي منهنجا خدا، جهان جا مالڪ، جنهن کي وڻئي تنهن کي بادشاهي ڏئين ۽ جنهن کان وڻئي تنهن کان کسي وٺين، جنهن کي وڻئي تنهن کي عزت ڏئين ۽ جنهن کي وڻئي تنهن کي ذليل (خوار خراب) ڪرين. سڀ چڱائي تنهنجي ئي هٿ ۾ آهي. بيشڪ تون هر چيز تي قادر آهين.

تُوْلِجُ الَّيْلَ فِي النَّهَارِ وَ تُوْلِجُ النَّهَارَ فِي الَّيْلِ ۫ وَ تُخْرِجُ الْحَيَّ مِنَ الْمَيِّتِ وَ تُخْرِجُ الْمَيِّتَ مِنَ الْحَيِّ ۫ وَ تَرْزُقُ مَنْ تَشَآءُ بِغَيْرِ حِسَابٍ ﴿٢٧﴾

(٢٧) تون ئي رات کي ڏينهن ۾ (رفتہ رفتہ) گم ٿو ڪرين ۽ ڏينهن کي رات ۾، جانورن کي بيجان شين مان ٻاهر ڪڍين ٿو ۽ بي جان شين کي جانورن مان ٻاهر آڻين ٿو ۽ جنهن کي چاهين ٿو تنهن کي (پنهنجي ڪرم جي خزاني مان) بي حساب رزق ڏئين ٿو.

لَا يَتَّخِذِ الْمُؤْمِنُوْنَ الْكٰفِرِيْنَ اَوْلِيَآءَ مِنْ دُوْنِ الْمُؤْمِنِيْنَ ۚ وَمَنْ يَّفْعَلْ ذٰلِكَ فَلَيْسَ مِنَ اللّٰهِ فِيْ شَيْءٍ اِلَّآ اَنْ تَتَّقُوْا مِنْهُمْ تُقٰىةً ؕ وَ يُحَذِّرُكُمُ اللّٰهُ نَفْسَهٗ ؕ وَ اِلَى اللّٰهِ الْمَصِيْرُ ﴿٢٨﴾

(٢٨) ايمان وارن کي ائين ڪرڻ نہ گهرجي جو مومنن کي ڇڏي حق جي منڪرن کي پنهنجو دوست ۽ مددگار بڻائين، جيڪو ائين ڪري ٿو سو ياد رکي تہ پوءِ هن کي الله تعاليٰ وٽان ڪابہ مدد ڪانہ ملندي، پر جيڪڏهن اهڙي حالت پيش اچي وڃي جو هنن جي شرارت کان پاڻ بچائڻو پوي تہ پوءِ ان حالت ۾ ائين ڪري سگهو ٿا. ياد رکو تہ الله تعاليٰ بہ اوهان کي (پنهنجي پڪڙ ۽ سزا کان) خبردار ڪري رهيو آهي ۽ آخر تہ توهان کي الله ڏانهن ئي موٽڻو آهي.

قُلْ اِنْ تُخْفُوْا مَا فِيْ صُدُوْرِكُمْ اَوْ تُبْدُوْهُ يَعْلَمْهُ اللّٰهُ ؕ وَ يَعْلَمُ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ ؕ وَاللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ﴿٢٩﴾

(٢٩) (اي پيغمبر!) انهن ماڻهن کي چئو تہ جيڪي توهان جي دلين ۾ آهي سو لڪايو، توڙي ظاهر ڪيو، هر حال ۾ الله تعاليٰ ان کي چڱيءَ طرح ڄاڻي ٿو، بلڪ جيڪي زمين ۽ آسمان ۾ آهي سوبہ ڄاڻي ٿو. الله تعاليٰ هر شيء تي قادر آهي.

يَوْمَ تَجِدُ كُلُّ نَفْسٍ مَّا عَمِلَتْ مِنْ خَيْرٍ مُّحْضَرًا ۛ ۖ وَّمَا عَمِلَتْ مِنْ سُوْٓءٍ ۛ ۚ تَوَدُّ لَوْ

(٣٠) (انهيءَ ڏينهن کي نہ وساريو) جنهن ڏينهن هر هڪ انسان ڏسندو تہ جيڪي نيڪ عمل هن دنيا ۾ ڪيا هئا سي سندس اڳيان موجود آهن. (يعني انهن جو اجر ملي رهيو آهي) ۽ جيڪي برا عمل ڪيا هئائين اهي بہ

اَنَّ بَيْنَهَا وَ بَيْنَهٗۤ اَمَدًۢا بَعِيْدًا ؕ وَ يُحَذِّرُكُمُ اللّٰهُ نَفْسَهٗ ؕ وَاللّٰهُ رَءُوْفٌۢ بِالْعِبَادِ ﴿٣٠﴾

هن جي اڳيان آيا آهن، انهيءَ ڏينهن هو چاهيندو ته هاءِ! جيڪڏهن انهن برن عملن ۽ هن ڏينهن جي وچ ۾ وڏي مدت پئجي وڃي ها ته ڪهڙو نه چڱو ٿئي ها! (پر مقرر وقت هٽي نه ٿو سگهي) الله تعاليٰ اوهان کي (پنهنجي پڪڙ ۽ سزا بابت) خبردار ٿو ڪري (انهيءَ لاءِ ته سندس نافرمانيءَ کان بچو) بيشڪ الله تعاليٰ پنهنجي بندن تي ڏاڍو مهربان آهي.

## رڪوع 4

### بي بي مريم جو تولد، زڪريا کي پٽ يحيٰ جو پيدا ٿيڻ

قُلْ اِنْ كُنْتُمْ تُحِبُّوْنَ اللّٰهَ فَاتَّبِعُوْنِيْ يُحْبِبْكُمُ اللّٰهُ وَ يَغْفِرْ لَكُمْ ذُنُوْبَكُمْ ؕ وَاللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿٣١﴾

(٣١) (اي پيغمبر! انهن ماڻهن کي) چئو ته. جيڪڏهن توهان سچ پچ الله سان محبت رکو ٿا ته پوءِ منهنجي پيروي ڪيو. (يعني جيڪي الله جا حڪم توهان کي ٻڌايان ٿو تن جي تعميل ڪيو. جيڪڏهن ائين ڪندؤ) ته الله به اوهان سان محبت ڪندو ۽ اوهان جون خطائون معاف ڪندو. الله تعاليٰ وڏو بخشيندڙ ۽ رحم وارو آهي.

قُلْ اَطِيْعُوا اللّٰهَ وَ الرَّسُوْلَ ۚ فَاِنْ تَوَلَّوْا فَاِنَّ اللّٰهَ لَا يُحِبُّ الْكٰفِرِيْنَ ﴿٣٢﴾

(٣٢) (اي پيغمبر!) تون چئو ته. الله ۽ سندس رسول جي فرمابرداري ڪيو. پوءِ جيڪڏهن هو پٺي ڏين ۽ منهن موڙين (يعني فرمانبرداري نه ڪن) ته پوءِ الله تعاليٰ به ڪفر ڪرڻ وارن کي پسند نٿو ڪري.

اِنَّ اللّٰهَ اصْطَفٰۤى اٰدَمَ وَ نُوْحًا وَّ اٰلَ اِبْرٰهِيْمَ وَ اٰلَ عِمْرٰنَ عَلَى الْعٰلَمِيْنَ ﴿٣٣﴾

(٣٣) انهيءَ ۾ شڪ ناهي ته الله تعاليٰ آدم کي، نوح، کي ابراهيم کي ۽ عمران جي گهراڻي کي سڄي دنيا ۾ چونڊي وڏيڪ سرفراز ڪيو.

ذُرِّيَّةًۢ بَعْضُهَا مِنْۢ بَعْضٍ ؕ وَاللّٰهُ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ﴿٣٤﴾

(٣٤) اهو هڪڙو خاندان هو جنهن ۾ هڪڙا ٻين مان پيدا ٿيا ۽ الله تعاليٰ (دعائون) ٻڌندڙ ۽ (مصلحتن جو) ڄاڻندڙ آهي.

اِذْ قَالَتِ امْرَاَتُ عِمْرٰنَ رَبِّ اِنِّيْ نَذَرْتُ لَكَ مَا فِيْ بَطْنِيْ مُحَرَّرًا فَتَقَبَّلْ مِنِّيْ ۚ اِنَّكَ اَنْتَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ ﴿٣٥﴾

(٣٥) ڇا ٿيو جو عمران جي زال دعا گهري ته. اي منهنجا پروردگار منهنجي پيٽ ۾ جيڪو ٻار آهي تنهن کي (دنيا جي ڌنڌن ۽ والدين جي خدمت کان) آزاد ڪري تنهنجي (ديول جي خدمت) لاءِ نذر ٿي ڪريان، سو تون منهنجي طرف کان هي نذر قبول فرماءِ. بيشڪ تون (دعائون) ٻڌندڙ (دل جو حال) ڄاڻندڙ آهين.

فَلَمَّا وَضَعَتْهَا قَالَتْ رَبِّ اِنِّيْ وَضَعْتُهَاۤ اُنْثٰى ؕ وَاللّٰهُ اَعْلَمُ بِمَا وَضَعَتْ ؕ وَ لَيْسَ الذَّكَرُ كَالْاُنْثٰى ۚ وَ اِنِّيْ سَمَّيْتُهَا مَرْيَمَ وَ اِنِّيْۤ اُعِيْذُهَا بِكَ وَ ذُرِّيَّتَهَا مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ﴿٣٦﴾

(٣٦) پوءِ جڏهن (پٽ جي بدران) ڌيءُ ڄڻيائين تڏهن چيائين ته. اي منهنجا پروردگار! مون کي ته ڌيءُ ڄائي، (هاڻي مان ڇا ڪريان؟) الله تعاليٰ ته بهتر ڄاتو ٿي ته ڇا ڄائو. ڇوڪرو ڪو ڇوڪري وانگر ناهي (عمران جي زال الله تعاليٰ جي حضور ۾ عرض ڪيو ته) مان هن جو نالو مريم رکيو آهي ۽ مان ڪيس ۽ سندس اولاد کي تنهنجي پناهه ۾ ڏيان ٿي ته تڙيل شيطان (جي وسوسن) کان سلامت رهن.

فَتَقَبَّلَهَا رَبُّهَا بِقَبُوْلٍ حَسَنٍ وَّ اَنْۢبَتَهَا
نَبَاتًا حَسَنًا ۙ وَّ كَفَّلَهَا زَكَرِيَّا ۚ كُلَّمَا دَخَلَ
عَلَيْهَا زَكَرِيَّا الْمِحْرَابَ ۙ وَجَدَ عِنْدَهَا
رِزْقًا ۚ قَالَ يٰمَرْيَمُ اَنّٰى لَكِ هٰذَا ؕ قَالَتْ هُوَ
مِنْ عِنْدِ اللّٰهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ يَرْزُقُ مَنْ يَّشَآءُ
بِغَيْرِ حِسَابٍ ﴿٣٧﴾

(٣٧) پوءِ مريم کي سندس پروردگار سهڻي قبوليت سان قبول ڪيو ۽ سندس نيپاج ۽ پرورش اهڙي سهڻي ۽ سٺي ڪيائين جو پاڪائيءَ ۾ وڌي ۽ زڪريا کي (جو ديول جو مجاور هو) سندس سنڀاليندڙ ڪيائين. جڏهن به ذڪريا وٽس محراب ۾ ويندو هو (جتي هوءَ عبادت ۾ مشغول هوندي هئي) تڏهن هن وٽ ڪجهه کائڻ جون شيون ڏسندو هو. تنهن تي ڪانئس پڇندو هو ته اي مريم! توکي هي شيون ڪٿان مليون؟ هوءَ چوندي هئي ته خدا وٽان ٿيون ملن. بيشڪ الله تعاليٰ جنهن کي چاهي ٿو تنهن کي بي حساب رزق ڏئي ٿو.

هُنَالِكَ دَعَا زَكَرِيَّا رَبَّهٗ ۚ قَالَ رَبِّ هَبْ لِيْ
مِنْ لَّدُنْكَ ذُرِّيَّةً طَيِّبَةً ۚ اِنَّكَ سَمِيْعُ
الدُّعَآءِ ﴿٣٨﴾

(٣٨) اتي ئي زڪريا پنهنجي پروردگار کان دعا گهري ته اي منهنجا پروردگار تون پنهنجي خاص فضل سان مون کي پاڪ اولاد عطا ڪر (جو هن مريم وانگر نيڪ ۽ عابد هجي) بيشڪ تون دعائون ٻڌندڙ ۽ قبول ڪندڙ آهين.

فَنَادَتْهُ الْمَلٰٓئِكَةُ وَهُوَ قَآئِمٌ يُّصَلِّيْ فِي
الْمِحْرَابِ ۙ اَنَّ اللّٰهَ يُبَشِّرُكَ بِيَحْيٰى مُصَدِّقًا
بِكَلِمَةٍ مِّنَ اللّٰهِ وَسَيِّدًا وَّحَصُوْرًا وَّنَبِيًّا
مِّنَ الصّٰلِحِيْنَ ﴿٣٩﴾

(٣٩) پوءِ جڏهن زڪريا محراب ۾ بيهي نماز پڙهي رهيو هو، تڏهن ملائڪن کيس پڪاري چيو ته الله تعاليٰ توکي يحيٰ جي پيدا ٿيڻ جي خوشخبري ڏئي ٿو (يعني توکي پٽ ڄمندو جنهن جو نالو يحيٰ رکيو وڃي) هو (يحيٰ) خدا جي حڪم سان هڪ پيدا ٿيڻ واري (حضرت عيسيٰ) جي تصديق ڪندڙ، جماعت جو سردار، پارسا (ديندار) ۽ خدا جي صالح ٻانهن مان هڪڙو نبي ٿيندو.

قَالَ رَبِّ اَنّٰى يَكُوْنُ لِيْ غُلٰمٌ وَّقَدْ بَلَغَنِيَ
الْكِبَرُ وَامْرَاَتِيْ عَاقِرٌ ؕ قَالَ كَذٰلِكَ اللّٰهُ
يَفْعَلُ مَا يَشَآءُ ﴿٤٠﴾

(٤٠) ذڪريا اهو ٻڌي چيو ته اي منهنجا رب! مون کي ڪيئن پٽ ڄمندو، مان ته نيٺ پوڙهو ٿي ويو آهيان ۽ منهنجي زال به ٻارن ڄڻڻ جي حالت کان لنگهيل آهي؟ الله تعاليٰ فرمايو ته انهيءَ حالت ۾ به پٽ ڄمندو. الله تعاليٰ جيڪي به چاهي ٿو سو ڪري ٿو سگهي، (ڪاب ڳالهه سندس طاقت کان ٻاهر ناهي).

قَالَ رَبِّ اجْعَلْ لِّيْٓ اٰيَةً ؕ قَالَ اٰيَتُكَ اَلَّا
تُكَلِّمَ النَّاسَ ثَلٰثَةَ اَيَّامٍ اِلَّا رَمْزًا ؕ وَ
اذْكُرْ رَّبَّكَ كَثِيْرًا وَّسَبِّحْ بِالْعَشِيِّ وَ
الْاِبْكَارِ ﴿٤١﴾

(٤١) تنهن تي ذڪريا عرض ڪيو ته اي منهنجا رب! هن بابت منهنجي لاءِ ڪا نشاني ڏي؟ حڪم ٿيو ته نشاني هي آهي ته ٽن ڏينهن تائين نه ڳالهاءِ، رڳو اشارا ڪم آڻ (يعني روزا رک جيئن ان زماني ۾ دستور هو) ۽ پنهنجي پروردگار کي گهڻو ياد ڪر ۽ صبح توڙي شام سندس حمد و ثنا ڪرڻ ۾ مشغول رهه.

### رڪوع 5

**حضرت عيسيٰ جو پيدا ٿيڻ ۽ نبوت ملڻ بابت سندس والده کي بشارت ملڻ.**

وَاِذْ قَالَتِ الْمَلٰٓئِكَةُ يٰمَرْيَمُ اِنَّ اللّٰهَ

(٤٢) (جڏهن حضرت مريم وڏي ٿي تڏهن ڪنهن ڏينهن) فرشتن ڪيس

اصْطَفٰىكِ وَطَهَّرَكِ وَاصْطَفٰىكِ عَلٰى نِسَآءِ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٤٢﴾

اچي چيو تہ، اي مريم! توکي الله تعاليٰ چونڊي سرفراز ڪيو آهي (براين جي گندگيءَ کان) پاڪ ڪيو آهي ۽ سڄي دنيا جي عورتن کان وڌيڪ پلارو ڪيو آهي.

يٰمَرْيَمُ اقْنُتِيْ لِرَبِّكِ وَاسْجُدِيْ وَارْكَعِيْ مَعَ الرّٰكِعِيْنَ ﴿٤٣﴾

(٤٣) اي مريم! هاڻي تون پنهنجي پروردگار جي عبادت وڏي نياز ۽ نماڻائيءَ سان ڪر ۽ رڪوع ۽ سجدو ڪرڻ وارن سان گڏ تون بہ رڪوع ۽ سجدو ڪندي رهہ.

ذٰلِكَ مِنْ اَنْۢبَآءِ الْغَيْبِ نُوْحِيْهِ اِلَيْكَ ؕ وَمَا كُنْتَ لَدَيْهِمْ اِذْ يُلْقُوْنَ اَقْلَامَهُمْ اَيُّهُمْ يَكْفُلُ مَرْيَمَ ۠ وَمَا كُنْتَ لَدَيْهِمْ اِذْ يَخْتَصِمُوْنَ ﴿٤٤﴾

(٤٤) (اي پيغمبر!) هي خبرون غيب جي خبرن منجهان آهن جي اسان توکي وحي جي وسيلي ٻڌايون ٿا. (نہ تہ توکي ڪيئن خبر پوي ها) تون تہ انهيءَ وقت انهن ماڻهن وٽ ڪونہ هئين، جڏهن (ديول جا مجاور) پنهنجا پنهنجا قدم اڇلائي رهيا هئا تہ (ڪٺا وجهي فيصلو ڪن تہ) ڪير مريم جو سنڀاليندڙ ٿئي. نڪي تون انهيءَ وقت موجود هئين جڏهن (مريم جي سنڀال ڪرڻ لاءِ) پاڻ ۾ جهڳڙو ڪري رهيا هئا.

اِذْ قَالَتِ الْمَلٰٓئِكَةُ يٰمَرْيَمُ اِنَّ اللّٰهَ يُبَشِّرُكِ بِكَلِمَةٍ مِّنْهُ ۖ اسْمُهُ الْمَسِيْحُ عِيْسَى ابْنُ مَرْيَمَ وَجِيْهًا فِى الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ وَمِنَ الْمُقَرَّبِيْنَ ﴿٤٥﴾

(٤٥) پوءِ ڇا ٿيو جو فرشتن اچي چيو تہ، اي مريم! بيشڪ الله تعاليٰ توکي پنهنجي ڪلام جي وسيلي (پٽ جي) خوشخبري ٿو ڏئي. هن جو نالو ٿيندو عيسيٰ مسيح ابن مريم. هو دنيا ۽ آخرت ۾ نيڪ بخت هوندو ۽ الله تعاليٰ جي خاص مقربن (ويجهڙن) مان هوندو.

وَيُكَلِّمُ النَّاسَ فِى الْمَهْدِ وَكَهْلًا وَّمِنَ الصّٰلِحِيْنَ ﴿٤٦﴾

(٤٦) هو ننڍپڻ توڙي وڏي عمر ۾ ماڻهن کي واعظ ۽ نصيحت ڪندو ۽ خدا جي صالح ٻانهن مان هوندو.

قَالَتْ رَبِّ اَنّٰى يَكُوْنُ لِىْ وَلَدٌ وَّلَمْ يَمْسَسْنِىْ بَشَرٌ ؕ قَالَ كَذٰلِكِ اللّٰهُ يَخْلُقُ مَا يَشَآءُ ؕ اِذَا قَضٰٓى اَمْرًا فَاِنَّمَا يَقُوْلُ لَهٗ كُنْ فَيَكُوْنُ ﴿٤٧﴾

(٤٧) مريم (هي ٻڌي عجب ۾ اچي) چيو، اي منهنجا رب! مونکي ڪنهن مرد ڇهيو بہ نہ آهي. الله تعاليٰ فرمايو تہ (اهڙي طرح) الله تعاليٰ جيڪي چاهي ٿو سو پيدا ڪري ٿو. هو جڏهن ڪنهن شيءِ کي پيدا ڪرڻ جو فيصلو ڪري ٿو تہ ان بابت رڳو حڪم ڪري ٿو تہ 'ٿي پئہ' تہ پوءِ اها شيءِ ظهور ۾ اچي وڃي ٿي.

وَيُعَلِّمُهُ الْكِتٰبَ وَالْحِكْمَةَ وَالتَّوْرٰىةَ وَالْاِنْجِيْلَ ۚ ﴿٤٨﴾

(٤٨) ۽ (اي مريم! الله تنهنجي انهيءَ پٽ کي) ڪتاب ۽ حڪمت سيکاريندو ۽ پڻ تورات ۽ انجيل جو علم ڏيندو.

وَرَسُوْلًا اِلٰى بَنِىْٓ اِسْرَآءِيْلَ ۙ اَنِّىْ قَدْ جِئْتُكُمْ بِاٰيَةٍ مِّنْ رَّبِّكُمْ ۙ اَنِّىْٓ اَخْلُقُ لَكُمْ مِّنَ الطِّيْنِ كَهَيْـَٔةِ الطَّيْرِ فَاَنْفُخُ فِيْهِ فَيَكُوْنُ طَيْرًا بِاِذْنِ اللّٰهِ ۚ وَاُبْرِئُ الْاَكْمَهَ وَ

(٤٩) ۽ ڪيس بني اسرائيلن جي لاءِ رسول ڪري موڪليندو (هو ڪين چوندو) تہ مان توهان جي پروردگار جي نشاني وٺي توهان ڏي آيو آهيان. مان توهان جي لاءِ مٽيءَ مان پکيءَ جي صورت جهڙي شيءِ ٺاهي پوءِ ان ۾ ڦوڪ ڏيان تہ اها الله جي حڪم سان پکي ٿي پوندي ۽ الله جي حڪم سان انڌن ۽ ڪوڙهين کي چڱو ڀلو ڪري ڇڏيان ۽ مردن کي زنده ڪري

الْاَبْرَصَ وَاُحْيِ الْمَوْتٰى بِاِذْنِ اللّٰهِ ۚ وَاُنَبِّئُكُمْ بِمَا تَاْكُلُوْنَ وَمَا تَدَّخِرُوْنَ ۙ فِيْ بُيُوْتِكُمْ ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً لَّكُمْ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ۚ﴿۴۹﴾

چڏيان ۽ جيڪي جيڪي توهان کائو ٿا ۽ پنهنجي گهرن ۾ گڏ ڪري رکو ٿا اهو سڀ توهان کي ٻڌائي ڇڏيان ۽ جيڪڏهن سچ پچ توهان ايمان وارا آهيو ته پوءِ يقيناً هنن ڳالهين ۾ اوهان جي لاءِ وڏي نشاني آهي.

وَمُصَدِّقًا لِّمَا بَيْنَ يَدَيَّ مِنَ التَّوْرٰىةِ وَلِاُحِلَّ لَكُمْ بَعْضَ الَّذِيْ حُرِّمَ عَلَيْكُمْ وَجِئْتُكُمْ بِاٰيَةٍ مِّنْ رَّبِّكُمْ ۟ فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَاَطِيْعُوْنِ ﴿۵۰﴾

(٥٠) ۽ (مان انهيءَ لاءِ اوهان تي رسول ڪري موڪليو ويو آهان ته) تورات جيڪو منهنجي اڳيان موجود آهي تنهن جي تصديق ڪيان ۽ ڪي شيون جيڪي توهان تي حرام ٿي ويون آهن، انهن کي اوهان لاءِ حلال ڪيان ۽ ڏسو مان توهان جي پروردگار جي نشاني وٺي توهان ڏي آيو آهيان، (جنهن جي خبر پاڪ ڪتابن ۾ ڏنل آهي) انهيءَ لاءِ ته توهان الله جو خوف رکو ۽ منهنجي فرمانبرداري ڪيو.

اِنَّ اللّٰهَ رَبِّيْ وَرَبُّكُمْ فَاعْبُدُوْهُ ؕ هٰذَا صِرَاطٌ مُّسْتَقِيْمٌ ﴿۵۱﴾

(٥١) الله منهنجو ۽ اوهان سڀني جو پروردگار آهي تنهن ڪري فقط انهيءَ جي بندگي ڪريو. اهوئي دين جو سڌو رستو آهي. (انهيءَ خوشخبريءَ موجب حضرت عيسيٰ پيدا ٿيو ۽ هن بني اسرائيلن ۾ اهو واعظ ۽ نصيحت شروع ڪري ڏني).

فَلَمَّآ اَحَسَّ عِيْسٰى مِنْهُمُ الْكُفْرَ قَالَ مَنْ اَنْصَارِيْٓ اِلَى اللّٰهِ ؕ قَالَ الْحَوَارِيُّوْنَ نَحْنُ اَنْصَارُ اللّٰهِ ۚ اٰمَنَّا بِاللّٰهِ ۚ وَاشْهَدْ بِاَنَّا مُسْلِمُوْنَ ﴿۵۲﴾

(٥٢) پوءِ جڏهن حضرت عيسيٰ بني اسرائيلن ۾ (سندس دعوت جي خلاف) ڪفر محسوس ڪيو تڏهن پڪاري چيائين ته ڪير آهي جو الله جي راهه ۾ منهنجو مددگار ٿيندو؟ تنهن تي حوارين (جن مٿس سچو ايمان آندو هو) چيو ته اسان الله جي ڪم ۾ مددگار رهنداسين. اسان مٿس ايمان ٿا آڻيون ۽ (اي حق ڏانهن سڏيندڙ) تون شاهد رهه ته اسان سندس فرمانبرداريءَ ۾ سر جهڪائيندڙ آهيون. (حواري بلڪل ٿورا ۽ مسڪين حال هئا.)

رَبَّنَآ اٰمَنَّا بِمَآ اَنْزَلْتَ وَاتَّبَعْنَا الرَّسُوْلَ فَاكْتُبْنَا مَعَ الشّٰهِدِيْنَ ﴿۵۳﴾

(٥٣) (هنن هي به چيو ته) اي اسان جا پروردگار! جيڪي تو نازل ڪيو آهي تنهن تي اسان جو ايمان آهي ۽ اسان تنهنجي رسول جي پيروي ڪئي آهي، پوءِ تون اسان کي به انهن ماڻهن ۾ شمار ڪر جي حق جي شاهدي ڏيڻ وارا آهن.

وَمَكَرُوْا وَمَكَرَ اللّٰهُ ؕ وَاللّٰهُ خَيْرُ الْمٰكِرِيْنَ ﴿۵۴﴾

(٥٤) (۽ پوءِ يهودين حضرت عيسيٰ جي خلاف) مڪر ڪيا (يعني مخفي ۽ باريڪ طريقا مخالفت جا ڪم ۾ آندا) ۽ خدا به اهڙائي طريقا ڪم آندا (يعني مسيح جي حفاظت لاءِ لڪل وسيلا پيدا ڪيا) ۽ بيشڪ (الله تعاليٰ ڪنهن کي بچائڻ گهري ته) مخفي طريقا ڪم آڻڻ ۾ ڪانئس بهتر ڪو به ڪونهي.

## رڪوع 6

**حضرت عيسيٰ جي خدا جي طرفان حفاظت، عيسائين جو اعتقاد ته حضرت عيسيٰ خدا جو پٽ آهي.**

اِذْ قَالَ اللّٰهُ يٰعِيْسٰٓى اِنِّيْ مُتَوَفِّيْكَ وَرَافِعُكَ

(٥٥) ڏسو الله تعاليٰ فرمايو ته اي عيسيٰ! مان تنهنجا ڏينهن پورا

إِلَيَّ وَمُطَهِّرُكَ مِنَ الَّذِينَ كَفَرُوا وَجَاعِلُ الَّذِينَ اتَّبَعُوكَ فَوْقَ الَّذِينَ كَفَرُوا إِلَىٰ يَوْمِ الْقِيَامَةِ ۖ ثُمَّ إِلَيَّ مَرْجِعُكُمْ فَأَحْكُمُ بَيْنَكُمْ فِيمَا كُنتُمْ فِيهِ تَخْتَلِفُونَ ﴿٥٥﴾

كندس، توكي پنهنجي طرف کڻي وٺندس، تنهنجي منكرن (جي تهمتن) كان توكي پاڪ كندس ۽ جن ماڻهن تنهنجي پيروي ڪئي آهي تن كي قيامت تائين تنهنجي منكرن كان بلند ۽ بالا ركندس ۽ آخر سڀني كي منهنجي ئي طرف موٽڻو آهي، پوءِ انهن ڳالهين جو فيصلو كندس جن ۾ ماڻهو هڪ ٻئي سان اختلاف كندا رهيا آهن.

فَأَمَّا الَّذِينَ كَفَرُوا فَأُعَذِّبُهُمْ عَذَابًا شَدِيدًا فِي الدُّنْيَا وَالْآخِرَةِ وَمَا لَهُم مِّن نَّاصِرِينَ ﴿٥٦﴾

(٥٦) پوءِ جن ماڻهن كفر جي واٽ ورتي آهي تن كي دنيا توڙي آخرت ۾ سخت عذاب كندس ۽ (الله جي عذاب كان بچائڻ ۾) كوبه هنن جو مددگار كونه ٿيندو.

وَأَمَّا الَّذِينَ آمَنُوا وَعَمِلُوا الصَّالِحَاتِ فَيُوَفِّيهِمْ أُجُورَهُمْ ۗ وَاللَّهُ لَا يُحِبُّ الظَّالِمِينَ ﴿٥٧﴾

(٥٧) پر (ان جي ابتڙ) جن ماڻهن ايمان آندو آهي ۽ صالح عمل به كيا اٿن، ان كي انهن جو پورو پورو اجر ملندو ۽ الله تعاليٰ! ظلم كندڙن كي پسند نٿو كري.

ذَٰلِكَ نَتْلُوهُ عَلَيْكَ مِنَ الْآيَاتِ وَالذِّكْرِ الْحَكِيمِ ﴿٥٨﴾

(٥٨) (اي پيغمبر!) اهي الله تعاليٰ جون آيتون ۽ وڏي حكمت وارا حكم ۽ پيغام آهن جي اسان توكي پڙهائي رهيا آهيون.

إِنَّ مَثَلَ عِيسَىٰ عِندَ اللَّهِ كَمَثَلِ آدَمَ ۖ خَلَقَهُ مِن تُرَابٍ ثُمَّ قَالَ لَهُ كُن فَيَكُونُ ﴿٥٩﴾

(٥٩) الله وٽ حضرت عيسيٰ جو مثال ائين آهي جيئن حضرت آدم جو، جنهن كي الله تعاليٰ مٽيءَ مان پيدا كيو ۽ پوءِ حكم كيائين ته ٿيءُ ته پوءِ (جيئن الله تعاليٰ جو ارادو هو تيئن) ٿي پيو.

الْحَقُّ مِن رَّبِّكَ فَلَا تَكُن مِّنَ الْمُمْتَرِينَ ﴿٦٠﴾

(٦٠) (اي پيغمبر! حضرت عيسيٰ جي انسان هجڻ بابت جيكي توكي چيو ويو آهي سو) تنهنجي پروردگار جي طرف كان حق آهي. تنهن كري متان شڪ آڻيندڙن منجهان ٿئين. (عيسائي حضرت عيسيٰ كي خدا كري مڃن ٿا، پر هو انسان هو.)

فَمَنْ حَاجَّكَ فِيهِ مِن بَعْدِ مَا جَاءَكَ مِنَ الْعِلْمِ فَقُلْ تَعَالَوْا نَدْعُ أَبْنَاءَنَا وَأَبْنَاءَكُمْ وَنِسَاءَنَا وَنِسَاءَكُمْ وَأَنفُسَنَا وَأَنفُسَكُمْ ثُمَّ نَبْتَهِلْ فَنَجْعَل لَّعْنَتَ اللَّهِ عَلَى الْكَاذِبِينَ ﴿٦١﴾

(٦١) پوءِ جيكي (عيسائي) توسان هن باري ۾ جهڳڙو كن هن كان پوءِ به جڏهن ته علم ۽ يقين تو وٽ اچي چكو آهي، ته پوءِ انهن كي چئو ته، (مونكي حضرت عيسيٰ جي انسان هجڻ جو علم اچي چكو آهي، پر جيكڏهن توهان كي سندس خدا هئڻ جو يقين آهي ته) اچو (هيئن فيصلو كريون). اسان ٻئي ڌريون (ميدان ۾ نكرون ۽) پنهنجي پنهنجي پٽن ۽ عورتن كي سڏيون ۽ اسان پاڻ به شريڪ ٿيون. پوءِ عجز ۽ نياز سان خدا جي حضور ۾ التجا كريون ته، (اسان ٻنهي ڌرين مان جنهن جي دعويٰ كوڙي هجي تن) كوڙن تي خدا جي لعنت هجي.

إِنَّ هَٰذَا لَهُوَ الْقَصَصُ الْحَقُّ ۚ وَمَا مِنْ إِلَٰهٍ إِلَّا اللَّهُ ۚ وَإِنَّ اللَّهَ لَهُوَ الْعَزِيزُ الْحَكِيمُ ﴿٦٢﴾

(٦٢) (اي پيغمبر!) هي جو بيان كيو ويو سو بلاشك حق جو بيان آهي ۽ كوئي معبود كونهي سواءِ هڪ الله جي ۽ يقيناً اهوئي آهي جو سڀ طاقت ركندڙ ۽ وڏي حكمت وارو آهي.

فَاِنْ تَوَلَّوْا فَاِنَّ اللّٰهَ عَلِيْمٌۢ بِالْمُفْسِدِيْنَ ﴿٦٣﴾

(٦٣) پوءِ جيڪڏهن اهي (عيسائي مباهلہ واروفيصلو بہ) قبول نہ ڪن تہ پوءِ الله تعاليٰ يقيباً مفسد (خرابيون ڪندڙن) جو حال چڱيءَ طرح ڄاڻندڙ آهي.

## رڪوع 7

## اهل ڪتاب کي حق جي دعوت ۽ سندن هلت

قُلْ يٰٓاَهْلَ الْكِتٰبِ تَعَالَوْا اِلٰى كَلِمَةٍ سَوَآءٍۢ بَيْنَنَا وَبَيْنَكُمْ اَلَّا نَعْبُدَ اِلَّا اللّٰهَ وَلَا نُشْرِكَ بِهٖ شَيْــًٔـا وَّلَا يَتَّخِذَ بَعْضُنَا بَعْضًا اَرْبَابًا مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ ۭ فَاِنْ تَوَلَّوْا فَقُوْلُوا اشْهَدُوْا بِاَنَّا مُسْلِمُوْنَ ﴿٦٤﴾

(٦٤) (اي پيغمبر!) تون (يهودين ۽ عيسائين کي) چئو تہ اي اهل ڪتاب (اختلاف واريون ڳالهيون ڇڏي ڀلا) هن ڳالهہ تي اچو جا توهان ۽ اسان وٽ هڪجهڙي قبول پيل آهي، تہ الله کان سواءِ ڪنهن جي بہ ٻانهپ نہ ڪيون ۽ ڪنهن بہ هستيءَ کي ساڻس شريڪ نہ ٺهرايون ۽ اسان مان هڪڙو انسان ڪنهن ٻئي انسان سان اهڙي هلت نہ هلي جو گويا خدا کي ڇڏي ان کي پنهنجو رب بڻايو اٿس. پوءِ جيڪڏهن اهي ماڻهو (انهيءَ ڳالهہ تي عمل ڪرڻ کان بہ) ڦري وڃن تہ پوءِ توهان (مسلمان) کين چئي ڏيو تہ شاهد رهو تہ (توهان ئي انڪاري آهيو) اسان تہ خدا جي اڳيان سر جهڪائڻ وارا آهيون.

يٰٓاَهْلَ الْكِتٰبِ لِمَ تُحَاۗجُّوْنَ فِيْٓ اِبْرٰهِيْمَ وَمَآ اُنْزِلَتِ التَّوْرٰىةُ وَالْاِنْجِيْلُ اِلَّا مِنْۢ بَعْدِهٖ ۭ اَفَلَا تَعْقِلُوْنَ ﴿٦٥﴾

(٦٥) اي اهل ڪتاب! توهان حضرت ابراهيم بنسبت جو جهڳڙو ڪري رهيا آهيو؟ (تہ هن جو طريقو يهودين جو طريقو هو يا نصرانيت جو طريقو هو) حالانڪ تورات ۽ انجيل (جن جي نالي ۾ اهي جماعتون يهودين ۽ عيسائين جون ٺهيون سي) حضرت ابراهيم ڪان گهڻو پوءِ نازل ٿيا. (پوءِ جنهن گروه بنديءَ جو انهي وقت وجود ئي ڪونہ هو، تنهن جو پيروي ڪندڙ هو ڪيئن ٿي سگهي ٿو) ڇا توهان (اهڙي سولي ڳالهہ بہ) سمجهي نٿا سگهو؟

هٰٓاَنْتُمْ هٰٓؤُلَاۗءِ حَاجَجْتُمْ فِيْمَا لَكُمْ بِهٖ عِلْمٌ فَلِمَ تُحَاۗجُّوْنَ فِيْمَا لَيْسَ لَكُمْ بِهٖ عِلْمٌ ۭ وَاللّٰهُ يَعْلَمُ وَاَنْتُمْ لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿٦٦﴾

(٦٦) ڏسو توهان اهي ماڻهو آهيو، جن انهن ڳالهين متعلق ئي جهڳڙا ڪيا جن بابت (اوهان کي ڪجهہ نہ ڪجهہ) علم هو، پر هن ڳالهہ بابت ڇو ٿا جهڳڙو ڪيو جنهن بابت توهان کي ڪجهہ بہ علم ڪونهي. الله تعاليٰ سڀ ڪجهہ ڄاڻي ٿو، توهان ڪجهہ بہ نٿا ڄاڻو.

مَا كَانَ اِبْرٰهِيْمُ يَهُوْدِيًّا وَّلَا نَصْرَانِيًّا وَّلٰكِنْ كَانَ حَنِيْفًا مُّسْلِمًا ۭ وَمَا كَانَ مِنَ الْمُشْرِكِيْنَ ﴿٦٧﴾

(٦٧) حضرت ابراهيم نڪي يهودي هو، نڪي نصراني (عيسائي) (نڪي ڪنهن ٻئي گروه بندي جو پيروي ڪندڙ هو) بلڪ (پنهنجي زماني جي سڀني گمراهين ڪان) پاڪ، حق تي هلندڙ خدا جو فرمانبردر ٻانهو هو. يقيناً هو مشرڪين منجهان نہ هو.

اِنَّ اَوْلَى النَّاسِ بِاِبْرٰهِيْمَ لَلَّذِيْنَ اتَّبَعُوْهُ وَھٰذَا النَّبِىُّ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا ۭ وَاللّٰهُ وَلِيُّ

(٦٨) حقيقتاً حضرت ابراهيم کي ويجها ماڻهو تہ اهي آهن جن سندس پيروي ڪئي ۽ پڻ هي نبي (حضرت ڳلي الله عليہ وسلم) ۽ جن مٿس ايمان آندو آهي (سي حضرت ابراهيم کي ويجها آهن، نہ اهي جن خدائي دين کي

الْمُؤْمِنِيْنَ ۝٦٨

تکرا ٽکرا ڪري فرقا ناهيا آهن ۽ توحيد جي راهه کان هٽي ويا آهن) ۽ ياد رکو ته الله انهن جو مددگار ۽ محافظ آهي، جيڪي سچو ايمان رکن ٿا.

وَدَّتْ طَّآئِفَةٌ مِّنْ اَهْلِ الْكِتٰبِ لَوْ يُضِلُّوْنَكُمْ ؕ وَمَا يُضِلُّوْنَ اِلَّآ اَنْفُسَهُمْ وَمَا يَشْعُرُوْنَ ۝٦٩

(٦٩) (اي ايمان وارؤ) اهل ڪتاب ۾ هڪڙي ٽولي اهڙي آهي جا چاهي ٿي ته اوهان کي حق جي راهه کان هٽائي ڇڏي پر ياد رکو ته، هو توهان کي گمراه ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ سان توهان کي نه پر خود پاڻ کي گمراهيءَ ۾ وجهي رهيا آهن، اگرچه (جهل ۽ نفسانيت سببان) اها ڳالهه نٿا ڏسن ۽ سمجهن.

يٰاَهْلَ الْكِتٰبِ لِمَ تَكْفُرُوْنَ بِاٰيٰتِ اللّٰهِ وَ اَنْتُمْ تَشْهَدُوْنَ ۝٧٠

(٧٠) اي اهل ڪتاب! ڇو ٿا الله جي آيتن کان انڪار ڪيو، جڏهن ته اهي نشانيون ظاهر ظهور ڏسي رهيا آهيون.

يٰاَهْلَ الْكِتٰبِ لِمَ تَلْبِسُوْنَ الْحَقَّ بِالْبَاطِلِ وَ تَكْتُمُوْنَ الْحَقَّ وَ اَنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ۝٧١ ع

(٧١) اي اهل ڪتاب! ڇو حق کي باطل جي لباس سان ڍڪي مشتبه ڪري ٿا ڇڏيو ۽ حق کي لڪايو ٿا اگرچه توهان کي خبر به آهي ته حقيقت ڇا آهي.

## رکوع 8

## اهل ڪتاب جي متعلق وڏيڪ حقيقتون

وَقَالَتْ طَّآئِفَةٌ مِّنْ اَهْلِ الْكِتٰبِ اٰمِنُوْا بِالَّذِیْٓ اُنْزِلَ عَلَى الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَجْهَ النَّهَارِ وَ اكْفُرُوْٓا اٰخِرَهٗ لَعَلَّهُمْ يَرْجِعُوْنَ ۝٧٢ ۚ

(٧٢) اهل ڪتاب ۾ هڪڙي ٽولي آهي جا چوي ٿي ته (مسلمانن کي گمراه ڪرڻ لاءِ) هيئن ڪيو جو صبح جي وقت هنن جي ڪتاب تي ايمان آڻيو ۽ شام جي وقت وري انڪار ڪيو. اهڙيءَ طرح ممڪن آهي ته هو (ماڻهن کي اسلام کان ڦرندي ڏسي پاڻ به) ڦري وڃن.

وَلَا تُؤْمِنُوْٓا اِلَّا لِمَنْ تَبِعَ دِيْنَكُمْ ؕ قُلْ اِنَّ الْهُدٰى هُدَى اللّٰهِ ۙ اَنْ يُّؤْتٰٓى اَحَدٌ مِّثْلَ مَآ اُوْتِيْتُمْ اَوْ يُحَآجُّوْكُمْ عِنْدَ رَبِّكُمْ ؕ قُلْ اِنَّ الْفَضْلَ بِيَدِ اللّٰهِ ۚ يُؤْتِيْهِ مَنْ يَّشَآءُ ؕ وَاللّٰهُ وَاسِعٌ عَلِيْمٌ ۝٧٣ ۚ

(٧٣) ۽ (هو پاڻ ۾ چون ٿا) ته خبردار انهن ماڻهن کان سواءِ جي توهان جي دين جي پيروي ڪندڙ آهن، ٻئي ڪنهن جي به ڳالهه نه مڃو (اگرچه اها چڱي ڳالهه هجي) تون (اي پيغمبر) انهن ماڻهن کي چئي ڏي ته سچي هدايت ته اها آهي جا الله جي هدايت آهي (اها ڪنهن خاص ٽوليءَ يا خاندان جي ميراث ناهي) (۽ هو هڪٻئي کي چون ٿا ته، هيءَ ڳالهه به نه مڃو) ته جهڙو دين اوهان کي ڏنو ويو آهي اهڙو ڪنهن ٻئي انسان کي به مليو هجي يا هي ته توهان جي پروردگار جي حضور ۾ اوهان جي خلاف ڪنهن جي به حجت هلي سگهي ٿي. (اي پيغمبر!) تون ڪين چئو ته، بيشڪ فضل ۽ ڪرم ته الله تعاليٰ جي هٿ ۾ آهي ۽ جنهن کي چاهي تنهن تي پنهنجو فضل ۽ ڪرم ڪري. هو وڏي وسعت رکڻ وارو ۽ سيني (لائقن ۽ نالائقن کي) ڄاڻڻ وارو آهي.

يَّخْتَصُّ بِرَحْمَتِهٖ مَنْ يَّشَآءُ ؕ وَاللّٰهُ ذُو الْفَضْلِ الْعَظِيْمِ ۝٧٤

(٧٤) هو جنهن کي چاهي ٿو تنهن کي پنهنجي رحمت (وحي) جي نزول لاءِ چوندي ٿو. بيشڪ الله تعاليٰ تمام وڏي فضل ۽ ڪرم وارو آهي.

وَمِنْ أَهْلِ الْكِتَابِ مَنْ إِنْ تَأْمَنْهُ بِقِنْطَارٍ يُؤَدِّهِ إِلَيْكَ وَمِنْهُمْ مَنْ إِنْ تَأْمَنْهُ بِدِينَارٍ لَا يُؤَدِّهِ إِلَيْكَ إِلَّا مَا دُمْتَ عَلَيْهِ قَائِمًا ذَٰلِكَ بِأَنَّهُمْ قَالُوا لَيْسَ عَلَيْنَا فِي الْأُمِّيِّينَ سَبِيلٌ وَيَقُولُونَ عَلَى اللَّهِ الْكَذِبَ وَهُمْ يَعْلَمُونَ ﴿٧٥﴾

(٧٥) ۽ اهل ڪتاب مان ڪي ته اهڙا ايماندار آهن جو جيڪڏهن سون چانديءَ جو وڏو ڍير انهن وٽ امانت رکو ته هو امانت باسلامت موٽائي ڏيندا. پر انهن ۾ اهڙا به آهن جن وٽ رڳو هڪ رپيو امانت رکو ته به ڪڏهن واپس نه ڪندا، جيستائين ڪ هميشه هنن جي مٿان بيهي (سخت طلبي ڪندا) رهو، اهو هن ڪري ٿيو آهي جو هو سمجهن ٿا ته امين (اڻ پڙهيل يعني عربن) سان وهنوار ڪندي (کهڙي به بي ايماني ڪريون ته) اسان کي پڪڙ ڪانه ٿيندي. هو ڄاڻي ٻجهي الله تعاليٰ تي اهو ڪوڙ ٿا هڻن.

بَلَىٰ مَنْ أَوْفَىٰ بِعَهْدِهِ وَاتَّقَىٰ فَإِنَّ اللَّهَ يُحِبُّ الْمُتَّقِينَ ﴿٧٦﴾

(٧٦) ها (هنن کي ضرور پڪڙ ٿيندي، ڇو ته خدا جو قانون آهي ته) جيڪو به پنهنجو قول سچائيءَ سان پاڙيندو ۽ ڏيتي ليتيءَ ۾ اگرچه غير مذهب وارن سان هجي) پرهيزگار رهندو ته پوءِ بيشڪ الله تعاليٰ انهن کي حب ٿو ڪري جيڪي پرهيزگار آهن.

إِنَّ الَّذِينَ يَشْتَرُونَ بِعَهْدِ اللَّهِ وَأَيْمَانِهِمْ ثَمَنًا قَلِيلًا أُولَٰئِكَ لَا خَلَاقَ لَهُمْ فِي الْآخِرَةِ وَلَا يُكَلِّمُهُمُ اللَّهُ وَلَا يَنْظُرُ إِلَيْهِمْ يَوْمَ الْقِيَامَةِ وَلَا يُزَكِّيهِمْ وَلَهُمْ عَذَابٌ أَلِيمٌ ﴿٧٧﴾

(٧٧) ياد رکو ته، اهي ماڻهو جيڪي دنيائي خيس قيمت واري فائدي لاءِ الله تعاليٰ سان ڪيل عهد (نيڪ عمليءَ ايمانداري جو) ۽ خود پنهنجا ڪنيل قسم وڪڻي ڇڏين ٿا (۽ ايمانداري جي عيوض بي ايماني ڪن ٿا) انهن کي آخرت ۾ ڪجھ به نصيب نه ٿيندو، نڪي الله تعاليٰ قيامت جي ڏينهن هنن سان ڳالهائيندو، نڪي هنن ڏي نهاريندو، نڪي هنن کي گناهن جي گندگيءَ کان پاڪ ڪندو (بلڪ) هنن کي سخت عذاب ڏنو ويندو.

وَإِنَّ مِنْهُمْ لَفَرِيقًا يَلْوُونَ أَلْسِنَتَهُمْ بِالْكِتَابِ لِتَحْسَبُوهُ مِنَ الْكِتَابِ وَمَا هُوَ مِنَ الْكِتَابِ وَيَقُولُونَ هُوَ مِنْ عِنْدِ اللَّهِ وَمَا هُوَ مِنْ عِنْدِ اللَّهِ وَيَقُولُونَ عَلَى اللَّهِ الْكَذِبَ وَهُمْ يَعْلَمُونَ ﴿٧٨﴾

(٧٨) اهل ڪتاب ۾ (انهن جي عالمن جي) هڪ ٽولي آهي جا الله جو ڪتاب پڙهندي ان ۾ مروڙ سروڙ ڪري (۽ ان جو مطلب ڦيرائي) ٿا ڇڏين. انهيءَ لاءِ ته توهان ائين سمجهو ته جيڪي هو ٻڌائي رهيا آهن، سو الله جي ڪتاب مان آهي. حالانڪ اهو الله جي ڪتاب مان هرگز ناهي ۽ هو ماڻهن کي چون ٿا ته هي الله جي طرف کان آهي، حالانڪ اهو الله جي طرف کان ناهي، هو الله تي ڪوڙ ٿا هڻن ۽ ڄاڻن به ٿا ته ڪوڙ ٿا هڻون.

مَا كَانَ لِبَشَرٍ أَنْ يُؤْتِيَهُ اللَّهُ الْكِتَابَ وَالْحُكْمَ وَالنُّبُوَّةَ ثُمَّ يَقُولَ لِلنَّاسِ كُونُوا عِبَادًا لِي مِنْ دُونِ اللَّهِ وَلَٰكِنْ كُونُوا رَبَّانِيِّينَ بِمَا كُنْتُمْ تُعَلِّمُونَ الْكِتَابَ وَبِمَا كُنْتُمْ تَدْرُسُونَ ﴿٧٩﴾

(٧٩) ڪنهن به انسان کي ائين نٿو جڳائي ته الله تعاليٰ هن کي ڪتاب ۽ حڪومت ۽ نبوت عطا فرمائي ۽ پوءِ ماڻهن کي چوي ته خدا کي ڇڏي منهنجا ٻانها ٿيو (يعني خدا جي حڪمن جي عيوض منهنجا ٻانها ٿيو. (يعني خدا جي حڪمن جي عيوض منهنجا حڪم مڃو)، بلڪ گهرجي ته رباني انسان ٿيو (يعني ماڻهن کي حق جي واٽ ڏيکاريو ۽ سندن مربي ٿيو، يعني سندن مددگاري ڪري کين چڱي درجي تي رسايو) اهو هن ڪري جو توهان الله جو ڪتاب سيکاريو ٿا ۽ پڙهڻ پڙهائڻ ۾ مشغول رهو ٿا.

وَلَا يَأْمُرَكُمْ أَنْ تَتَّخِذُوا الْمَلَائِكَةَ وَالنَّبِيِّينَ

(٨٠) ۽ هو (رباني انسان يا نبي) ڪڏهن به اوهان کي اهو حڪم نه ڏيندو

أَرْبَابًا ۗ أَيَأْمُرُكُمْ بِالْكُفْرِ بَعْدَ إِذْ أَنْتُمْ مُّسْلِمُونَ ﴿٨٠﴾

تہ ملائڪن کي ۽ نبين کي پنھنجو رب بنايو، (يعني جھڙيءَ طرح رب جي اڳيان جھڪو ٿا تھڙيءَ طرح ھنن جي اڳيان جھڪو). ڇا ائين ٿي سگھي ٿو تہ ھو اوھان کي ڪفر ڪرڻ جو حڪم ڏئي؟ حالانڪ توھان مسلم (يعني خدا جي فرمان جا تابعدار) ٿي چڪا آھيو.

## رڪوع 9

## اصل دين سڀني انسانن ۽ قومن جو ھڪ ئي آھي، يعني فطرت جي قانون جي اطاعت

وَإِذْ أَخَذَ اللَّهُ مِيثَاقَ النَّبِيِّينَ لَمَا آتَيْتُكُمْ مِّنْ كِتَابٍ وَّحِكْمَةٍ ثُمَّ جَاءَكُمْ رَسُولٌ مُّصَدِّقٌ لِّمَا مَعَكُمْ لَتُؤْمِنُنَّ بِهِ وَلَتَنْصُرُنَّهُ ۚ قَالَ أَأَقْرَرْتُمْ وَأَخَذْتُمْ عَلَىٰ ذَٰلِكُمْ إِصْرِي ۖ قَالُوا أَقْرَرْنَا ۚ قَالَ فَاشْهَدُوا وَأَنَا مَعَكُمْ مِّنَ الشَّاهِدِينَ ﴿٨١﴾

(٨١) ۽ ياد رکو تہ اسان نبين جي باري ۾ (بني اسرائيلن کان) عھد ورتو ھو تہ اسان توھان کي ڪتاب ۽ حڪمت عطا فرمائي آھي، پوءِ جيڪڏھن ڪو ٻيو رسول انھيءَ ڪتاب جي تصديق ڪندي توھان وٽ اچي جو ڪتاب اڳئي توھان وٽ آيل آھي، تہ توھان ان رسول تي ايمان آڻيو ۽ سندس مدد ڪيو. (الله تعاليٰ) فرمايو تہ ڇا، توھان ھن ڳالھ جو اقرار ڪيو ٿا ۽ ان جو ذمو کڻو ٿا؟ انھن چيو ھو تہ، ھائو! اسان اقرار ڪيون ٿا. (تنھن تي الله تعاليٰ) فرمايو تہ انھيءَ تي شاھد ٿيو ۽ مان پاڻ بہ اوھان سان گڏ انھيءَ تي شاھد آھيان.

فَمَنْ تَوَلَّىٰ بَعْدَ ذَٰلِكَ فَأُولَٰئِكَ هُمُ الْفَاسِقُونَ ﴿٨٢﴾

(٨٢) تنھن ڪري ھاڻي جيڪو بہ اھڙي عھد اقرار ڪرڻ بعد ڦري ويندو (۽ الله جي رسول کي نہ مڃيندو) پوءِ يقيناً اھڙا ماڻھو فاسق آھن (يعني حق پرستيءَ کان ٻاھر نڪري ويا آھن).

أَفَغَيْرَ دِينِ اللَّهِ يَبْغُونَ وَلَهُ أَسْلَمَ مَنْ فِي السَّمَاوَاتِ وَالْأَرْضِ طَوْعًا وَّكَرْهًا وَّإِلَيْهِ يُرْجَعُونَ ﴿٨٣﴾

(٨٣) پوءِ اھي ماڻھو ائين ٿا چاھين ڇا تہ الله جو دين ڇڏي ٻي ڪا واٽ ڳولي ڪڍن؟ حالانڪ زمين ۽ آسمان ۾ جيڪي بہ ساھ وارا ۽ بي جان شيون آھن، سڀ خوشي ناخوشيءَ سندن ئي قانون ۽ حڪمت جا تابعدار آھن (سڄي ڪائنات خدائي قانونن تي ھلندڙ آھي) ۽ آخر سڀني کي خدا ڏي ئي موٽڻو آھي.

قُلْ آمَنَّا بِاللَّهِ وَمَا أُنْزِلَ عَلَيْنَا وَمَا أُنْزِلَ عَلَىٰ إِبْرَاهِيمَ وَإِسْمَاعِيلَ وَإِسْحَاقَ وَيَعْقُوبَ وَالْأَسْبَاطِ وَمَا أُوتِيَ مُوسَىٰ وَعِيسَىٰ وَالنَّبِيُّونَ مِنْ رَّبِّهِمْ ۖ لَا نُفَرِّقُ بَيْنَ أَحَدٍ مِّنْهُمْ ۖ وَنَحْنُ لَهُ مُسْلِمُونَ ﴿٨٤﴾

(٨٤) (اي پيغمبر!) تون چئي ڏي تہ اسان تہ الله تي ايمان آندو آھي ۽ جيڪي اسان تي نازل ڪيو ويو آھي ۽ جيڪي ابراھيم، اسماعيل، اسحاق ۽ يعقوب ۽ يعقوب جي اولاد تي نازل ٿيو تنھن تي بہ ايمان رکون ٿا ۽ پڻ جيڪي بہ موسيٰ عيسيٰ ۽ ٻين سڀني نبين کي خدا جي طرف کان مليو آھي، تنھن تي بہ اسان جو ايمان آھي اسان انھن نبين مان ڪنھن بہ ھڪڙي کي ٻين کان جدا نٿا ڪيون (يعني سڀني کي ٿا مڃون) ۽ اسان خدا جا فرمانبردار ٻانھا آھيون.

وَمَنْ يَّبْتَغِ غَيْرَ الْإِسْلَامِ دِينًا فَلَنْ يُّقْبَلَ

(٨٥) ۽ جيڪو بہ دين اسلام کان سواءِ (جو سڀني نبين جي تصديق ۽

مِنْهُ ۚ وَهُوَ فِي الْاٰخِرَةِ مِنَ الْخٰسِرِيْنَ ﴿۸۵﴾

پيرويءَ جو دين آهي) ٻئي ڪنهن دين جي طلب رکندو تہ اهو دين ڪڏهن بہ قبول نہ پوندو ۽ آخرت ۾ هو انهن ماڻهن ۾ هوندو جي تباهہ ۽ نامراد ٿيا.

كَيْفَ يَهْدِي اللّٰهُ قَوْمًا كَفَرُوْا بَعْدَ اِيْمَانِهِمْ وَشَهِدُوْٓا اَنَّ الرَّسُوْلَ حَقٌّ وَّجَآءَهُمُ الْبَيِّنٰتُ ۭ وَاللّٰهُ لَا يَهْدِي الْقَوْمَ الظّٰلِمِيْنَ ﴿۸۶﴾

(٨٦) الله تعاليٰ ڪيئن اهڙي قوم کي ڪاميابيءَ جي راهہ ڏيکاريندو جن ايمان آڻي وري ڪفر جي واٽ ورتي، حالانڪ هنن شاهدي بہ ڏني هئي تہ الله جو رسول برحق آهي ۽ (حقيقت جا) چٽا دليل وٽن اچي ويا هئا. (الله جو قانون آهي) تہ هو ظلم ڪرڻ وارن لاءِ (سعادت جي) راهہ نٿو کولي.

اُولٰۗىِٕكَ جَزَاۗؤُهُمْ اَنَّ عَلَيْهِمْ لَعْنَةَ اللّٰهِ وَالْمَلٰۗىِٕكَةِ وَالنَّاسِ اَجْمَعِيْنَ ﴿۸۷﴾ۙ

(٨٧) انهن ماڻهن کي (انهن جي ظلم ۽ شرارت جو) جيڪو بدلو ملندو اهو هي آهي جو انهن تي الله جي، فرشتن جي، انسانن جي ۽ سڀني جي لعنت پئجي رهي آهي.

خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ۚ لَا يُخَفَّفُ عَنْهُمُ الْعَذَابُ وَلَا هُمْ يُنْظَرُوْنَ ﴿۸۸﴾ۙ

(٨٨) انهيءَ حالت ۾ هميشہ گرفتار رهندا، نڪي هنن جو عذاب هلڪو ڪيو ويندو، نڪي هنن کي مهلت ڏني ويندي.

اِلَّا الَّذِيْنَ تَابُوْا مِنْۢ بَعْدِ ذٰلِكَ وَاَصْلَحُوْا ۣ فَاِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿۸۹﴾

(٨٩) پر جن ماڻهن انهيءَ حالت کان پوءِ بہ توبهہ ڪئي ۽ پاڻ کي سڌاريائون (يعني جيڪي ماڻهو بدعمل ڇڏي نيڪ عملي جي راهہ اختيار ڪندا تن کي الله تعاليٰ پنهنجي فضل سان اڳيان گناهہ معاف ڪندو ۽ آئنده لاءِ لعنت واري حالت مان ڪڍي رحمت ۾ داخل ڪندو).

اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا بَعْدَ اِيْمَانِهِمْ ثُمَّ ازْدَادُوْا كُفْرًا لَّنْ تُقْبَلَ تَوْبَتُهُمْ ۚ وَاُولٰۗىِٕكَ هُمُ الضَّاۗلُّوْنَ ﴿۹۰﴾

(٩٠) پر جن ماڻهن ايمان کان پوءِ ڪفر اختيار ڪيو ۽ پنهنجي ڪفر (جي شرارتن) ۾ وڌندا رهيا تہ پوءِ اهڙن ماڻهن جي پشيماني قبول ڪانہ پوندي. (ڇو تہ سچي توبهہ انهن کي نصيب ئي نہ ٿيندي) ۽ اهي ئي ماڻهو آهن جي سچ پچ گمراهہ آهن.

اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَمَاتُوْا وَهُمْ كُفَّارٌ فَلَنْ يُّقْبَلَ مِنْ اَحَدِهِمْ مِّلْءُ الْاَرْضِ ذَهَبًا وَّلَوِ افْتَدٰى بِهٖ ۭ اُولٰۗىِٕكَ لَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ وَّمَا لَهُمْ مِّنْ نّٰصِرِيْنَ ﴿۹۱﴾ۧ

(٩١) جن ماڻهن ڪفر جي واٽ ورتي ۽ مرڻ گهڙيءَ تائين ڪفر تي قائم رهيا تن مان ڪوبہ (قيامت جي ڏينهن) سڄي ڌرتي جيترو سون فدئي طور ڏئي تہ بہ اهو فديو قبول نہ پوندو (۽ هن کي پنهنجي بدعملن جي ڪري) سخت عذاب ٿيندو ۽ ڪوبہ (عذاب کان بچائڻ ۾) هنن جو مددگار ڪونہ هوندو.